website: www.dailypaksindh.com ★★

ABC Certified

اتر سنڌ مان نڪرندڙ پاڪ صاف صحافت جي علمبردار

DAILY PAKSINDH SUKKUR

روزانہ پاڪ سنڌ سکر

چيف ايڊيٽر
رفيق احمد پيرزاده

ڇنڇر 10 مئي 2025ع بمطابق 12 ذوالقعد 1446ھ (شمارو نمبر 171 جلد33) قيمت 10 رپيا

آمريڪا پاران مفاد نہ ڏسي پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ ۾ مداخلت نہ ڪرڻ جو فيصلو جوابي ڪارروائي حق آهي: پاڪستان

اسان جو ملڪ اهڙي ڪنهن بہ جنگ ۾ مداخلت نہ ڪندو، جنهن سان ڪو لهڻو ليکو نہ هجي، گهٽتي آهي، پر اميد آهي تہ ٻنهي ملڪن ۾ جوهري جنگ نہ ٿيندي: آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس

ڀارت طرفان پاڪستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ڊرون حملا ڪيا ويا. اسان دنيا کان مطالبو ڪريون ٿا تہ ڀارت کي انهي معاملي تي ذوهاري قرار ڏئي، ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدو معطل ڪرڻ جي مذمت ڪريون ٿا

اسان ڀارت جي پرڏيهي سيڪريٽري جي بيانن کي بہ رد ڪريون ٿا، وزيراعظم جاچ جو چيو پر ڀارت جارحيت جو رستو اختيار ڪيو، ممبئي ۽ پٺاڻ ڪوٽ جي جاچ ڀارت جي ڪري نہ ٿي سگهي

نيلم جهلم هائيڊرو پاور پراجيڪٽ جا ڪجهہ حصا ڀارتي جارحيت جي نتيجي ۾ تباهہ ٿيا. پاڪستان زرعي ملڪ آهي، ڀارتي فيصلي جا اثر ڪروڙين ماڻهن تي پئجي رهيا آهن

اهو ڀارت ئي هو جيڪو جمون ڪشمير جي معاملي کي گڏيل قومن ۾ کڻي ويو. ڀارت مسلسل ننڍي پاڙيسري ملڪ کي پٺ سان لڳائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي

ڪلڀوشن يادو ڀارت جي انتهاپسندي جو مثال آهي، هندو انتهاپسندي ۾ 40 پاڪستاني شهيد ٿيا: پرڏيهي وزارت جي ترجمان شفقت علي خان جي هفتيوار نيوز بريفنگ

اسلام آباد / واشنگٽن (م ر) آمريڪا پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جنگ ۾ مداخلت نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس چيو آهي تہ سندن ملڪ اهڙي ڪنهن بہ جنگ ۾ مداخلت نہ ڪندو جنهن سان ان جو ڪو لهڻو ليکو نہ هجي. هن چيو تہ ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڇڪتاڻ تي گهٽتي ضرور آهي، پر مداخلت نٿا ڪري سگهون. اميد /ڏسو صفحو 2 بقايا 01

ڪو ڊرون حملو نہ ڪو راڪيٽ فائر ٿيو ۽ نہ ئي ڪا فضائي ڪارروائي ڪئي آهي، ڀارتي فوج ڄاڻي واڻي پاڪستاني شهري آبادي کي نشانو پئي بڻائي، ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي جو اسپانسر آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

ايل او سي تي ڀارتي جارحيت، 5 شهري شهيد، پاڪ فوج پاران جواب ۾ دشمن جون ڪيئي چوڪيون ۽ بٽالين هيڊ ڪوارٽر سوڙ 48 ڊرون تباهہ

ڀارت ننڪاڻا صاحب ۾ سکن جي عبادتگاهہ کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تحت 6 ڊرون ذريعي حملا ڪيا ويا، پر پاڪستاني سڪيورٽي فورسز انهن حملن کي ناڪام بڻايو: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

ڀارتي حملي وقت پاڪستان جي فضائي حدن ۾ 57 مسافر جهاز هئا، ايئرلائنز جي مسافرن جون حياتيون خطري ۾ وڌيون، حملي دوران 2 سالن جي معصوم ٻارڙيون بہ نشانو بڻيون ۽ افسوس تہ ڀارتي ميڊيا ان واقعي تي جشن ملهائي رهي آهي

پاڪستان جي طرفان جوابي ڪارروائي رڳو انهن ڀارتي فوجي پوسٽن تائين محدود آهي، جتان پاڪستان تي فائرنگ ڪئي وڃي ٿي، تہ ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ ۾ ملوث رهيو آهي ۽ فتنہ الخوارج ۽ ٻين گروهن جي مدد ڪري رهيو آهي

ڀارت، آمريڪا، ڪئناڊا ۽ پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿيندڙ دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهي، ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جو اسپانسر آهي، پڪا سان ثبوت موجود آهن: پاڪ فوج جي ترجمان بين الاقوامي ميڊيا کي پريس بريفنگ

8 مئي جي شام تائين 29 ڊرونز ڪيرايا هئا ۽ گذريل رات کان هن وقت تائين 48 ٻيا ڊرونز بہ ڪيرايا ويا آهن جنهن بعد ٻن ڏينهن ۾ ڪيرايل ڊرونز جو انگ 77 ٿي ويو آهي: سيڪيورٽي ذريعا

سڀئي ڊرونز ريڊار تي لڳاتار مانيٽر ڪيا پئي ويا، جڏهن بہ ڪو ڊرون ايندو آهي تہ اهو ريڊار تي نظر اچي ٿو، اسان جي ايئر ڊفينس سسٽم وٽ اها صلاحيت آهي تہ ننڍين ڊرونز کي بہ ٽريڪ ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد / راولپنڊي (بيورو رپورٽ/ مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي تہ ڀارت ننڪاڻا صاحب ۾ سکن جي عبادتگاهہ کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تحت 6 ڊرون ذريعي حملا ڪيا ويا، پر پاڪستاني سڪيورٽي فورسز انهن حملن کي ناڪام بڻايو. پاڪ فوج جي ترجمان بين الاقوامي ميڊيا کي پريس بريفنگ ڏيندي چيو تہ ڀارتي حملي جي وقت پاڪستان جي فضائي حدن ۾ 57 مسافر جهاز موجود هئا. ڀارت پنهنجي ڪارروائي سان ايئر لائنز جي مسافرن جون حياتيون خطري ۾ وڌيون. هن چيو تہ حملي دوران 2 سالن جي معصوم /ڏسو صفحو 2 بقايا 02

سعودي پاران ٽياڪڙي جون ڪوششون، دهلي کانپوءِ اسلام آباد پهتس آجيان

اسلام آباد پهچڻ تي پاڪستان ۾ سعودي سفير ۽ پرڏيهي وزارت جي اعليٰ عملدارن سندس آجيان

سعودي مملڪتي وزير پاڪستاني قيادت سان ملاقات دوران پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ ۽ خطي جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سعودي مملڪتي پرڏيهي وزير عادل الجبير ٽئين دهلي جي دوري ڪانپوءِ اسلام آباد پهچي ويو/ ڏسو صفحو 2 بقايا 05

چيني ميمرز ڀارت جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ لڳا، جنگي جهاز ”رافيل“ جي ڪِرڻ تي جهمريون، وڊيو وائرل

بيجنگ (م ر) چيني ميمرز ڀارت جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ لڳا ۽ هٿن پاڪستاني /ڏسو صفحو 2 بقايا 04

راولپنڊي: پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري ۽ ٻي عسڪري قيادت پريس ڪانفرنس ڪندي

قوم پُرسڪون رهي، پاڪ فوج حفاظت ڪري پئي: خواجہ آصف

ڀارت کي هر طرفان مار ملي آهي، پر هو پنهنجي عوام کي مطمئن رکڻ لاءِ حقيقت نہ ٿو ٻڌائي

ڀارت جو ڪرڙ هاڻ واڪو ٿي رهيو آهي، پاڪستان ڪنهن بہ شهري آبادي کي نشانو نہ بڻايو آهي

اسلام آباد (م ر) بچاءَ واري وفاقي وزير خواجہ آصف ڀارت کي مسلسل شڪستون کائڻ باوجود عوام آڏو ڪوڙ ڳالهائڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 09

ريڊ لائن بي آر ٽي جديد ٽرانسپورٽ نظام ڏانهن تاريخي قدم آهي: شرجيل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ريڊ لائن /ڏسو صفحو 2 بقايا 03

سري لنڪا ۾ فوجي هيلي ڪاپٽر تباهہ، 6 اعليٰ آفيسر اجل جو شڪار

حادثي جو شڪار ٿيل ”بيل 212“ هيلي ڪاپٽر ۾ ڪُل 12 ماڻهو سوار هئا

فوت ٿيندڙن ۾ سري لنڪن اسپيشل فورسز ۽ ايئر فورس جا اهلڪار شامل

ڪولمبو (م ر) سري لنڪا ۾ هڪ فوجي هيلي ڪاپٽر ڪري تباهہ ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا. /ڏسو صفحو 2 بقايا 06

ڀارت جي ڪيرايل جهازن جي پائليٽن جون حياتيون ايجيڪشن سسٽم ذريعي بچايون ويون: شرجيل انعام

برطانوي ڪمپني ان پائلٽ جو رڪارڊ رکندي آهي، جنهن جي جان ان جي ٽيڪنالاجي جي ذريعي بچي هجي

تازو ئي ڪمپني پنهنجي ايڪس اڪائونٽ تي بچايل پائلٽن جو انگ 7,784 مان وڌائي 7,788 ڪيو آهي

فهرست ۾ شامل بچايل نون پائلٽن مان هڪ پائلٽ آمريڪي نيوي جو ۽ باقي ٽي پائلٽ ڀارتي رافيل جهازن جا هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سوشل ميڊيا تي هڪ اهم بيان ۾ چيو آهي تہ 6 ۽ 7مئي 2025 /ڏسو صفحو 2 بقايا 08

ڪراچي: سنڌ جو سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

پاڪستان جي سڀني هوائي اڏن تي فلائيٽ آپريشن بحال ٿي ويو

ڪراچي سميت ملڪ جي سڀني هوائي اڏن تي فلائيٽ آپريشن فوري طور تي بحال ڪيو ويو

ڪراچي، لاهور، اسلام آباد، سيالڪوٽ هوائي اڏن تي خميس ڏينهن رات 12 وڳي تائين فلائيٽ آپريشن معطل هو

ياد رهي تہ ڀارت ۾ هن وقت بہ 24 هوائي اڏن کي بند ڪري فلائيٽ آپريشن معطل ڪيو ويو هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سميت ملڪ جي سڀني هوائي اڏن تي فلائيٽ آپريشن فوري طور تي بحال ڪيو ويو آهي. ڪراچي، لاهور، اسلام آباد، سيالڪوٽ هوائي اڏن تي خميس ڏينهن رات 12 وڳي /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

وزير توانائي ناصر شاهہ جو خاص ٻارن جي اداري جو دورو، سڀني سينٽرن جي سولرائزيشن جو اعلان

وزيراعليٰ سنڌ ۽ ناصر شاهہ پاران آءِ ايڇ آر آئي سينٽرن لاءِ 21 ملين رپيا ڊونيشن جو اعلان

صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ وڏي وزير جي صلاحڪار سليم بلوچ سان گڏ آءِ ايڇ آر آءِ جو دورو ڪيو

اهڙا ادارا عوام جي خدمت ڪري حڪومت جو هٿ مضبوط ڪن پيا: سيد ناصر شاهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير توانائي، ترقيات ۽ رٿابندي سيد ناصر حسين شاهہ اڄ وڏي وزير جي پبلڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا 07

ڪراچي: صوبائي وزير سيد ناصرحسين شاهہ آءِ ايڇ آر آءِ جو دورو ڪندي

ڀارتي حڪومت جو 8 هزار سوشل ميڊيا اڪائونٽ بند ڪرڻ جو حڪم

ممبئي (م ر) ڀارت هڪ سوشل ميڊيا پليٽ فارم /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

اسان جي جنگ مودي جي انتها پسند نظريي سان آهي: گورنر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر چيو آهي تہ /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

پرڏيهہ مان وطن موڪليل رقم ۾ رڪارڊ واڌ، وزيراعظم مطمئن، حڪومت ملڪ جي معيشت کي ترقي ڏيڻ لاءِ پرعزم

اڳرائي ڀارت ڪئي، تہ پاڪستان کي پنهنجي دفاع جو مڪمل حق حاصل آهي: وزيراعظم

ڀارت، پاڪستان تي حملو ڪري گڏيل قومن جي چارٽر جي آرٽيڪل 51 هيٺ اسانکي پنهنجي دفاع لاءِ قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو، پاڪستان پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي مڪمل تحفظ لاءِ پرعزم آهي

پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ پهرين سعودي عرب جي مملڪتي وزير خارجہ عادل الجبير سان ملاقات دوران ڳالهيون، وزيراعظم پاران علائقائي تڪرار گهٽائڻ لاءِ سعودي حڪومت جي سفارتي ڪوششن جي واکاڻ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ پاڪستان کي پنهنجي دفاع جو مڪمل حق حاصل آهي، ڀارت، پاڪستان تي حملو ڪري گڏيل قومن جي چارٽر جي آرٽيڪل 51 هيٺ اسانکي پنهنجي دفاع لاءِ قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو آهي، جنهن جو اسانکي قانوني /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي عرب جو پرڏيهي وزير ملاقات ڪندي

ڀارتي جون سموريون ڪوششون ناڪام، آءِ ايم ايف پاڪستان لاءِ قرض قسط جي منظوري ڏئي ڇڏي

عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) جي ايگزيڪيوٽو بورڊ توسيعي فنڊ سهولت (اي ايف ايف) تحت پاڪستان لاءِ قرض جي اڳئين قسط جي منظوري ڏئي ڇڏي

آءِ ايم ايف ايگزيڪيوٽو بورڊ هڪ ارب ڊالر جي ايندڙ قسط جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، جيڪا پاڪستان جي معاشي استحڪام لاءِ اهم ثابت ٿيندي

واضح رهي پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ ڪانپوءِ آءِ ايم ايف پاڪستان جي قرض پروگرام کي معطل ڪرڻ جي هندستان جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) جي ايگزيڪيوٽو بورڊ توسيعي فنڊ سهولت (اي ايف ايف) تحت پاڪستان لاءِ قرض جي اڳئين قسط جي منظوري ڏئي ڇڏي، ذريعن موجب، آءِ ايم ايف ايگزيڪيوٽو بورڊ هڪ ارب ڊالر جي ايندڙ قسط جي منظوري /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

پاڪ فوج بهادري سان ڀارت کي جواب ڏنو، عالم ڀارتي جارحيت جي مذمت ڪن: مولانا فضل الرحمان

قوم پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي، پاڪستان جي هٿياربند فوج ڀارت کي بهادري سان جواب ڏنو

پاڪستان کي هن وقت ڀارتي جارحيت کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، پاڪ فوج بهترين حڪمت عملي اختيار ڪئي

ملڪي دفاع تي پاڪ فوج کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا ڀارتي حملن ۾ معصوم شهري شهيد ٿيا

اسلام آباد (م ر) جي يو آءِ (ف) جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان چيو آهي تہ قوم پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

اسلام آباد: جي يو آءِ (ف) سربراهہ مولانا فضل الرحمان اجلاس جي صدارت ڪندي

خطرناڪ صورتحال جو ذميوار ڀارت آهي، قومي سلامتي تي ڪوبہ سمجهوتو نہ ڪنداسين: محسن نقوي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير سان آمريڪا جي وقتي سفير نيٽلي بيڪر 48 ڪلاڪن ۾ ٻئي ملاقات ڪئي /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

پاڪستاني جي 10 جهاز ڀارت جا 2 جهاز ڪيرايا: آمريڪي عهديدار

امڪان آهي تہ چين جي ٺهيل جي 10 جهاز ڀارتي ويڙهاڪ جهازن تي فضا کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل هنيا

ڪيرايل ڀارتي جهازن مان هڪ فرانسيسي ٺهيل رافيل جهاز هو، ڪارروائي ۾ آمريڪي ايف 16 جهاز استعمال نہ ڪيا ويا

ڀارت خلاف ڪارروائي ۾ آمريڪي ايف 16 جهاز استعمال نہ ڪيا ويا

لنڊن (م ر) آمريڪي عهديدارن برطانوي خابرو اداري کي ٻڌايو تہ پاڪستان جي جي 10 جهاز اربع تي ٻن ڀارتي جهازن کي ڪيرايو، آمريڪي عهديدار چيو تہ امڪان آهي تہ چين جي ٺهيل جي 10 جهاز /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ فوري قدم کڻڻ جي هدايت

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي

آءِ جي سنڌ، گهرو کاتي سنڌ ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪندي ڌرين کان ٻن هفتن اندر جواب طلب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي تہ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ فوري طور تي /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

”پاڪستان دفاع ڪيو، يو اين چارٽر تحت اڃا جواب جو حق استعمال ناهي ڪيو“: عاصم افتخار

هي علائقو خاص طور تي ڪشمير، هڪ نيوڪليئر فليش پوائنٽ طور سڃاتو وڃي ٿو: پاڪستان جي گڏيل قومن لاءِ سفير

برطانوي اخبار ڪشمير کي جغرافيائي سياسي فالٽ لائين قرار ڏنو پاڪستان ذميوار ايٽمي رياست طور واضح موقف رکي ٿو

پاڪستان اڃا تائين گڏيل قومن جي چارٽر جي آرٽيڪل 51 تحت جواب ڏيڻ جو حق استعمال نہ ڪيو آهي

نيويارڪ (م ر) پاڪستان جي گڏيل قومن لاءِ سفير عاصم افتخار چيو تہ هي علائقو /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ڀارت پي ايس ايل ۾ خلل وجهڻ لاءِ پنڊي اسٽيڊيم کي نشانو بڻايو: پي سي بي

لاهور (م ر) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

ڪراچي: آنڌاري، گجگوڙ ۽ ڪڻڻ سان وسڪاري جو امڪان

شهر جو گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 28 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ

وڌ ۾ وڌ گرمي پد 35 کان 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان موجود

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي پرياسي وارن علائقن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران آنڌاري، گجگوڙ ۽ ڪڻڻ سان گڏ /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

آءِ پي ايل جي هلندڙ ميچ رد، گذريل رات ڌرمشالا ۾ ٽرٽلو

ڀارتي اسٽيڊيم ۾ ڌرمشالا ۾ ميچ ختم ڪرڻ جي اعلان ڪانپوءِ افراتفري

صورتحال ايتري سنگين ٿي وئي جو رانديگرن کي هڪبئي جي بسن ۾ سوار ٿي ويا

ڌرمشالا (م ر) ڀارتي رياست هماچل پرديش جي شهر ڌرمشالا ۾ آءِ پي ايل ميچ رد ٿيڻ ڪانپوءِ ٽرٽلو مچي ويو. صورتحال /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

برطانوي پارليامينٽ ۾ انڊيا_پاڪستان ڇڪتاڻ تي بحث، امن ڪرائڻ جي گهر

ميمبرن پاران برطانيہ تي زور ڀريو تہ هو خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو مطالبو

برطانيا جي پرڏيهي وزير هيملش فائيلڪنر هائوس آف ڪامنز کي ڇڪتاڻ بابت تحمل ڪرائڻ لاءِ آگاهي

زندگين جو ضايع ٿيڻ ڏکوئيندڙ آهي، صورتحال وڌيڪ خراب ٿي تہ اهو ڪنهن جي بہ حق ۾ نہ ٿيندو: پارليامينٽ ميمبر

لنڊن (م ر) برطانوي پارليامينٽ ۾ انڊيا ۽ پاڪستان جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ بابت بحث ڪيو ويو، جنهن دوران مختلف /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

جيڪڏهن جنگ لڳي تہ پاڪستان ۾ هر ڪو سپاهي هوندو: نبيل

اسان پنهنجي وطن جو دفاع چڱي طرح ڄاڻون ٿا، خطي ۾ امن هجڻ گهرجي

جڏهن جنگ ٿيندي آهي تہ انسانيت هارائي ويندي آهي ۽ معاملو وڌيڪ خراب ٿيندو آهي

لاهور (م ر) مشهور اداڪار ۽ پروڊيوسر نبيل ظفر جنگ جي جنوني ڀارت کي سخت جواب ڏيندي چيو آهي تہ اسان پنهنجي /ڏسو صفحو 2بقايا 21

ڪارڊينل رابرٽ پري ووسٽ ڪيٿولڪ مسيحين جو نئون پوپ مقرر

ويٽيڪن سٽي (م ر) ويٽيڪن سٽي ۾ ٿيندڙ چونڊن جي گهٽ ۾ گهٽ چار مرحلن کان پوءِ ڪارڊينل رابرٽ پري ووسٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

جيل ۾ عمران کي خطرو، گنڊاپور پاران آزاد ڪرڻ لاءِ درخواست داخل

علي امين گنڊاپور لطيف کوسہ ۽ شهباز کوسہ جي ذريعي درخواست داخل ڪئي

پي ٽي آءِ باني پوري مسلمان اُمت جو اڳواڻ آهي اميد آهي تہ اسان کي انصاف ملندو: درخواست

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) خيبرپختونخواهہ جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيو آهي تہ جيل ۾ پي ٽي آءِ باني جي زندگي کي خطرو آهي. هن

”جنگ مسئلن جو حل ناهي“، محبوبہ مفتي جي پاڪ_ڀارت اڳواڻن کي حملا روڪڻ جي اپيل

فوجي ڪارروايون ڪنهن بہ بنيادي مسئلي جو حل نہ آهن، جنهن سان ڪڏهن مسئلا حل ٿيندا نہ امن ايندو: محبوبہ مفتي

پاڪستان ۽ ڀارت جي وزيراعظمن کي اپيل ڪريان ٿي تہ حملا بند ڪن، فون تي رابطو ۽ تڪرار جو سياسي حل ڪڍن

ڀارت کي پلواما حملي جي جواب ۾ بالا ڪوٽ حملي مان ڇا حاصل ٿيو؟ سياسي مداخلت جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي

سرينگر (م ر) والاريل ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعليٰ محبوبہ مفتي پاڪستان ۽ ڀارت /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

پي ايس ايل 10 جا باقي ميچ يو اي اي منتقلي جو فيصلو

پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پي ايس ايل کي يو اي اي منتقل ڪرڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

لاهور (م ر) پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب پاڪستان سپرليگ (پي ايس ايل) سيزن 10 جا باقي ميچ گڏيل عرب /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ڀيرلو ڌرڻي ۾ سنڌ پاڻ ملهايو، ماڻهن مان خوف ختم ٿيو آهي: عامر نواز

اسان جي جدوجهد جو بنياد اسان جي وڏن رکيو، اسان ان جو تسلسل آهيون: امير آزاد پنهور

بدين جي صحافين ڀاڙي ڪوٽ ۽ ڪينال نامنظور تحريڪ ۾ پاڻ نڀايو: صحافي غفور چانڊيو

امير آزاد پنهور ۽ رام ڪولهي وڪيل جي مان ۾ آجياڻي تقريب کي حاجي خالد محمود گهمن ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بدين (رپورٽر) ايوان صحافت بدين پاران سنڌو درياءَ بچايو تحريڪ جي سرواڻي ڪندڙ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي نائب /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

ڪراچي ۾ 100 رپيا ڀتو نہ ڏيڻ تي پيرسن تي تشدد، 3 اهلڪار معطل، لاڪ اپ حوالي

علائقي صدر ۾ 100 رپيا ڀتو نہ ڏيڻ تي ريڙهي واري پيرسن پورهيت تي تشدد ڪندڙ 3 پوليس اهلڪار معطل ۽ گرفتار ٿي ويا

سب انسپيڪٽر نديم، ڪانسٽيبل عامر ۽ ڊرائيور ڪانسٽيبل سرفراز بزرگ محمد شعيب کي تشدد ڪيو، وڊيو وائرل

ٽنهي اهلڪارن کي معطل ڪري لاڪ اپ ڪيو ويو، ڀتو وٺڻ، ڌمڪيون ڏيڻ ۽ زخمي ڪرڻ جي شقن هيٺ ايف آءِ آر داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي صدر ۾ 100 رپيا ڀتو نہ ڏيڻ تي ريڙهي واري پيرسن پورهيت تي تشدد ڪندڙ 3 پوليس اهلڪار معطل ۽ گرفتار ٿي ويا آهن. ٽن پوليس اهلڪارن طرفان هڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ، آءِ پي ايل جا آسٽريلوي ڪرڪيٽر ڏيهہ واپسي لاءِ واجهائڻ لڳا

ڪينگرو ڪرڪيٽر اڄ يا سڀاڻي ڏيهہ واپس ورڻ جا خواهشمند آهن: آسٽريلوي ميڊيا

ممبئي (م ر) پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ سبب انڊين پريميئرليگ (آءِ پي ايل) جي مختلف فرنچائزز ۾ شامل آسٽريلوي ڪرڪيٽر /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

ڪئنالن خلاف احتجاج ڪندڙ پروهيت پوليس عدالت کان مٿانهون قتل ڪيو: رياض چانڊيو

سنڌ پوليس اسٽيٽ بڻجي وئي آهي گهگهر ڦاٽڪ واسي پروهيت جو ڏوهہ اهو هو تہ هو ڪئنالن خلاف ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيو

ان جي ڏوهہ ۾ ايس ايڇ او اسٽيل ٽائون کيس گرفتار ڪري گهر کڻي ويو، جتي پوليس مقابلي ۾ کيس قتل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض علي چانڊيو جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ سنڌ پوليس اسٽيٽ بڻجي وئي آهي گهگهر ڦاٽڪ واسي پروهيت جو ڏوهہ اهو هو تہ هو ڪئنالن /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

رحيم يار خان جي اسپيشل برانچ جي ڊي ايس پي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

اسپيشل برانچ جي ڊي ايس پي سيف الله ڪورائي پاڻ مٿان مبينا طور تي پسٽل جا فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

فوتي جي گن مين آواز ٻڌي عرفان ڪمري ۾ پهچي ڊي ايس پي کي موقعي تي فوت ٿيل ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو

پوليس جي وڏي نفري پهچي وئي، فوتي جو لاش رحيم يارخان اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

اوباوڙو (رپورٽر) اوباوڙو رحيم يارخان جي اسپيشل برانچ جي (هيڊ) ڊي ايس پي سيف الله ڪورائي پاڻ مٿان مبينا طور پسٽل جا فائر هڻي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو جڏهن تہ خودڪشي جو ڪارڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

فاطمہ ڀٽو پاران ڀارتي فنڪارن جي جنگي جنون تي ڪاوڙ جو اظهار، فوج سان اظهار تشڪر

اهي خوشيون ملهائي رهيا آهن جيئن ڪو فٽ بال ميچ ٿي رهيو هجي: شهيد مرتضيٰ ڀٽو جي نياڻي

هي سڀ ناقابل تفريق ٽوئٽس وسيلي جنگ تي خوشي ملهائي رهيا آهن ڄڻ جنگ موت يا تباهي نہ پر ڪا ميچ هجي: فاطمہ ڀٽو

ايڪس تي فاطمہ ڀٽو پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ دوران ڀارتين جي رويي تي پنهنجا ويچار ونڊي ڳڻتي جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهيد مرتضيٰ ڀٽو جي نياڻي فاطمہ ڀٽو پاران پاڪ_ڀارت جنگ تي خوشي ملهائيندڙ ڀارتي فنڪارن تي ڪاوڙ جو اظهار، سماجي ويب سائٽ ايڪس تي فاطمہ ڀٽو پاڪ_ /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

★★
اتر سنڌ مان نڪرندڙ پاڪ صاف صحافت جي علمبردار
ABC Certified
DAILY PAK SINDH SUKKUR
روزانه پاڪ سنڌ سکر
Email:paksindhsukkur@yahoo.com
paksindh786@gmail.com
چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر: رفيق احمد پيرزادو، نيو انڊس پرنٽنگ پريس مان ڇپرائي "پاڪ سنڌ" جي آفيس پڪو روڊ مان پڌري ڪئي لک پڙهه لاءِ: روزانه پاڪ سنڌ پڪو روڊ سکر
رابطي لاءِ: فون 071_5615535 فيڪس: 071_5614202
ڇنڇر 10 مئي 2025ع بمطابق 12 ذوالقعد 1446ھ

پاڪستان تي ڊرون حملا ۽ سڪيورٽي

پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل چيو آهي ته ڀارت ننڪاڻا صاحب ۾ سکن جي عبادتگاهه کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تحت 6 ڊرون ذريعي حملا ڪيا ويا، پر پاڪستاني سڪيورٽي فورسز انهن حملن کي ناڪام بڻايو. پاڪ فوج جي ترجمان بين الاقوامي ميڊيا کي پريس بريفنگ ڏيندي چيو ته ڀارتي حملي جي وقت پاڪستان جي فضائي حدن ۾ 57 مسافر جهاز موجود هئا، ڀارت پنهنجي ڪارروائي سان ايئر لائنز جي مسافرن جون حياتيون خطري ۾ وڌيون. هن چيو ته حملي دوران 2 سالن جي معصوم ٻارڙيون به نشانو بڻيون ۽ افسوس ته ڀارتي ميڊيا ان واقعي تي جشن ملهائي رهي آهي. ترجمان ٻڌايو ته پاڪستان جي طرفان جوابي ڪارروائي رڳو انهن ڀارتي فوجي پوسٽن تائين محدود آهي، جتان پاڪستان تي فائرنگ ڪئي وڃي ٿي. ڊي جي آءِ ايس پي آر جو چوڻ هو ته ڀارت اندر مسلمانن ۽ ٻين اقليتن تي حملا ڪيا پيا وڃن، جتي سرِعام طور تي مسلمانن کي قتل جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ ۾ ملوث رهيو آهي ۽ فتنه الخوارج ۽ ٻين گروهن جي مدد ڪري رهيو آهي، ڀارت انڊيا سوشل ميڊيا اڪائونٽس به بند ڪرائي ڇڏيا آهن ۽ هر ڪلاڪ ڪانپوءِ هڪ نئين ڪوڙي ڪهاڻيءَ جي بنياد تي پروپئگينڊا ڪري رهيو آهي، والاريل ڪشمير ۾ ڪوڙا انڪائونٽرز ڀارتي قابض فوج لاءِ عام روايت بڻجي چڪا آهن. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته ڀارت، آمريڪا، ڪئناڊا ۽ پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿيندڙ دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهي. هن واضح ڪيو ته ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جو اسپانسر آهي، جنهن جا پڪا سان ثبوت موجود آهن. پاڪستان اندر ٿيندڙ حملا ڀارتي فوج جي هدايتن تحت ٿين ٿا، جتي ڀارتي اهلڪار دهشتگردن کي ڪارروائيءَ جا ٽاسڪ ڏين ٿا ۽ ٻنهي جي وچ ۾ رابطن جا به ثبوت موجود آهن. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پهلگام واقعو 22 اپريل تي منجهند 2 وڳي 20 منٽن تي پيش آيو، جڏهن ته رڳو 10 منٽن اندر يعني 2 وڳي 30 منٽن تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي وئي، ڀارت بنا ڪنهن جاچ يا ثبوت جي فوري طور پاڪستان مٿان حملي جو الزام مڙهي ڇڏيو. هن چيو ته ڀارتي ميڊيا به واقعي کان پوءِ ڪنهن به ثبوت ڪانسواءِ پاڪستان کي ذميوار قرار ڏنو ۽ ڀارت الزام لڳايو ۽ ثبوت ڏيڻ بدران پاڪستان تي حملو ڪري ڏنو. بريفنگ دوران والاريل پهلگام واقعي بابت والاريل ڪشمير جي عوام جون مختلف وڊيوز به ڏيکاريون ويون، جن ۾ ڪشميري ماڻهو پاڻ به واقعي بابت سوال اٿاري رهيا هئا. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪستان پنهنجي سالميت ۽ جي هر قيمت تي حفاظت ڪندو. پريس بريفنگ دوران بحريه ۽ هوائي فوج جا سينيئر آفيسر پڻ موجود هئا. ميڊيا موجب پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته ڀارتي فوج ڄاڻي واڻي پاڪستان جي شهري آبادي تي فائرنگ ڪري رهي آهي، جڏهن ته پاڪستان رڳو انهن ڀارتي پوسٽن تي جوابي ڪارروائي ڪري رهيو آهي، جتان پاڪستاني شهري آبادي تي فائرنگ ڪئي پئي وڃي. ترڪ ميڊيا کي ڏنل هڪ انٽرويو دوران ڊي جي آءِ ايس پي آر واضح ڪيو ته پاڪستان طرفان نه ڪو ڊرون حملو ڪيو ويو آهي، نه ڪو راڪيٽ فائر ٿيو آهي ۽ نه ئي ڪا فضائي ڪارروائي عمل ۾ آئي آهي. ترجمان موجب، پاڪستان رڳو ننڍن هٿيارن ذريعي ڀارتي فوجي چوڪين تي محدود جوابي ڪارروائي ڪري رهيو آهي. جنرل احمد شريف چيو ته ڀارت طرفان ميڊيا تي اها مهم هلائي پئي وڃي ته پاڪستان فضائي ۽ ڊرون حملا شروع ڪيا آهن، جيڪو ڪوڙ ۽ من گهڙت افسانو آهي. هن چيو ته اڄ جي جديد دور ۾ هر حملي جو اليڪٽرانڪ ثبوت موجود هوندو آهي، جيڪڏهن پاڪستان واقعي ڪو ميزائل يا فضائي حملو ڪيو هجي ها ته ان جو اليڪٽرانڪ ثبوت هجي ها. ڊي جي آءِ ايس پي آر اهو به سوال اٿاريو ته جيڪڏهن ڀارت پاڪستاني جهاز تباهه ڪيو آهي ته ان جو ملبو ڪٿي آهي؟ ۽ جيڪڏهن ڀارت وٽ واقعي پاڪستاني پائيلٽ قيد آهن ته اهي ڪٿي آهن؟ هن وڌيڪ چيو ته ڀارتي ميڊيا من گهڙت قصن سان عوام کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جيڪي هاڻي کِل جوڳا بڻجي چڪا آهن. هوڏانهن پاڪستاني فورسز ڀارتي جارحيت کي ناڪام بڻائيندي موڪليل وڌيڪ 48 اسرائيلي ٺاهيل ڊرونز تباهه ڪري ڇڏيا. سيڪيورٽي ذريعن مطابق، ڀارت طرفان موڪليل اسرائيلي ٺاهيل ڊرونز کي وهاڙي، پاڪپتن ۽ اوڪاڙا ۽ ٻين شهرن ۾ تباهه ڪيو ويو. پي ٽي وي نيوز سيڪيورٽي ذريعن جي حوالي سان خبر ڏني آهي ته 8 مئي جي شام تائين 29 ڊرونز ڪيرايا هئا ۽ گذريل رات کان هن وقت تائين 48 ٻيا ڊرونز به ڪيرايا ويا آهن جنهن بعد ٻن ڏينهن ۾ ڪيرايل ڊرونز جو انگ 77 ٿي ويو آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته سڀئي ڊرونز ريڊار تي لڳاتار مانيٽر ڪيا پئي ويا، جڏهن به ڪو ڊرون ايندو آهي ته اهو ريڊار تي نظر اچي ٿو. اسان جي ايئر ڊفينس سسٽم وٽ اها صلاحيت آهي ته ننڍن ڊرونز کي به ٽريڪ ڪري سگهجي ٿو. شهري آبادي واري علائقن ۽ ڪمرشل فلائيٽس دوران ڊرون کي مارڻ جو خاص آپريشنل طريقو موجود آهي. ميڊيا موجب لائن آف ڪنٽرول (ايل او سي) تي ڀارتي جارحيت جي نتيجي ۾ پاڪستان جوابي ڪارروائي ڪندي دشمن جون ڪيترين پوسٽن کي تباهه ڪري ڇڏيو. سيڪيورٽي ذريعن موجب، پاڪ فوج طرفان ڪيلر سيڪٽر ۾ ڊوبه مور پوسٽ ۽ بٽالين هيڊڪوارٽر تباهه ڪيا ويا آهن. جڏهن ته سوجي ۽ پير ڪانٽي سيڪٽر ۾ جبار اينڊ ٽرڪيان ڪمپليڪس مڪمل طور تباهه ڪيو ويو آهي، ڪانسواءِ حاجي پير سيڪٽر ۾ ڀارتي فوج جي رنگ ڪنٽونٽر پوسٽ تباهه ڪئي وئي آهي.

خطي جي امن لاءِ خطرو بڻيل موديءَ جي مڪروهه سياست

*** جاويد پلي ***

جنگ ته پاڻ ئي هڪ مسئلو آهي، جنگ شروع ڪرڻ سولو ڪم آهي پر جنگيون شروع ڪندڙن کي اها خبر ناهي هوندي ته ان جا ڪيترا ڀيانڪ نتيجا نڪرندا آهن، جيڪي ڪيترن ئي نسلن تائين جاري رهندا آهن. گجرات وڳوڙن جو مرڪزي ڪردار نريندر مودي هن وقت انهن پاليسين تي عمل ڪري رهيو آهي، جيڪي هندستان کي آمريت طرف وٺي وڃي رهيون آهن. موديءَ جي بي جي پي حڪومت نه صرف انڊيا جي جمهوري بنيادن کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي پر پوري ڏکڻ ايشيا ۾ عدم استحڪام پيدا ڪري ڇڏيو آهي. هو رياستي جبر کي مذهبي قومپرستي جو ٽالو ڏئي پوري ملڪ جي آزادي جي تحريڪن کي چيپائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ماضي کي مستقبل جي پيش گوئي لاءِ استعمال ڪرڻ هڪ عجيب منطق آهي. اڄ اسان ڏسي رهيا آهيون ته جبري تڪرار، رد عمل تي ٻڌل مزاحمت ۽ معاشي مسئلا مستقل طور تي اهڙن سياسي نظرين کي جنم ڏئي رهيا آهن، جيڪي انساني فلاح کي نظرانداز ڪري طاقت حاصل ڪرڻ کي فوقيت ڏئي رهيا آهن. اڄ جديد ٽيڪنالاجي جي سمورن امڪانن باوجود دنيا ان پراڻي ڏڳ تي هلي رهي آهي، جتي طاقت جي استعمال، ٻه طرفن چٽاڀيٽين ۽ عملي تشدد هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ بلڪل ويهين صديءَ جي انهن ناولن جيان لڳندي آهي، جن ۾ هڪ بي قابو دنيا جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي، جتي اٽي، لٽي ۽ اجهي جهڙن بنيادي مسئلن جو حل طاقت جي زور تي ڪڍيو ويندو آهي. دنيا جي سڀ کان وڏي جمهوريت جي دعوا ڪندڙ انڊيا هاڻ مذهبي قومپرستي کي هڪ اهڙي هٿيار طور استعمال ڪري رهيو آهي، جنهن ذريعي اندروني مسئلن ۽ عالمي تنقيد تان دنيا جو ڌيان هٽائي سگهجي، اها خطرناڪ سياسي حڪمت عملي خطي جي امن لاءِ هڪ سنگين خطرو بڻجي چڪي آهي. والاريل ڪشمير ۾ دهلي سرڪار جا تازا ڪنٽيل جارحاڻا قدم، چين ۽ پاڪستان جي حوالي سان جنگجو رويو ۽ انساني حقن جي سنگين صورتحال ڀارت کي جيتوڻيڪ پوري دنيا ۾ اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي، پر هو آزادي وارين گهرو تحريڪن کي به ان آڌار تي چيپائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. قومپرستي بطور فلسفو رياست کي هڪ متحد ۽ اسرندڙ قوم طور محفوظ رکندي آهي، پر انڊين قومپرستي هاڻ صفا جارحيت تي لهي آئي آهي، جنهن کي هو حب الوطني جو ٽالو ڏئي سوشل ميڊيا تي ان کي اڀاري رهي آهي. ٻنهي ملڪن ۾ 1948ع کان وٺي زميني ۽ سياسي جهيڙو هلندو رهيو آهي، ان ۾ سڌارو اچڻ شروع ٿيندو آهي، ريل گاڏيون، بسون ۽ جهاز هلڻ شروع ٿيندا آهن، پر جڏهن ڪنهن رياست ۾ چونڊون ٿينديون آهن، ته انتهاپسند بي جي پي ۽ ان جو سربراهه نريندر مودي ان کي مذهبي هندوتوا جي هوا ڏئي پنهنجي مفادن ۾ استعمال ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو آهي. هن وقت به بهار رياست ۾ چونڊون ٿيڻيون آهن، جتي موديءَ کي ٻهرين شرمناڪ شڪست ملڻي هئي، هاڻ هو ڪشمير جي پهلگام جو بهانو بڻائي، پاڪستان سان جنگ شروع ڪري اتي ڪاميابي جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. نريندر مودي جي قيادت ۾ خوف جي سياست ۽ فرقيواريت کي هوا ڏيڻ سياسي بقا جو بنيادي اصول بڻجي چڪو آهي. پر ان سان ڏکڻي مدي وارو علائقائي امن داءَ تي به لڳي چڪو آهي. اڄ موديءَ جي اقتدار ۾ ڀارت ۾ ميڊيا، ادارا، تعليم سڀ تنگ نظري جو شڪار ٿي ويا آهن. مذهبي اقليتن تي ظلم وڌي ويا آهن. ميڊيا مڪمل طور تي ڪنٽرولڊ آهي.

اڄ صحافي، دانشور ۽ سماجي ڪارڪن جن کي ڪڏهن عزت جي نظر سان ڏٺو ويندو هو، انهن کي خاموش ڪرڻ لاءِ رياستي طاقت جو استعمال ڪيو پيو وڃي. مودي هن وقت پوري سيڪيولر ڀارت کي "جمهوري آمريت" ڏانهن وٺي ويو آهي. ان سان نه صرف انڊيا پر پورو ڏکڻ ايشيا جو امن خطري ۾ پئجي ويو آهي. هندستان ۾ نريندر مودي جي قيادت واري حڪومت ۾ گذريل ڪجهه سالن کان سياسي نفرت ۽ قومپرستي ۾ اضافو ٿي ويو آهي. اهو رجحان رڳو هندستان تائين محدود ناهي، پر عالمي سطح تي به ڏسڻ ۾ آيو آهي، پر هندستان ۾ ان جي شدت خاص طور تي نمايان آهي. هندستان ۾ آزادي جون تحريڪون ان جي آزادي واري دور کان هلنديون آيون آهن، پر ان ۾ شدت موديءَ جي پهرين دور کان شروع ٿي آهي، جنهن انهن تحريڪن کي طاقت سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هتي ڀارت ۾ آزادي جي تحريڪن جو ٿورو جائزو به پيش ڪنداسين. 1857ع جي بغاوت پهرين وڏي بغاوت جيڪا انگريزن جي خلاف هئي، جنهن کي "آزاديءَ جي پهرين جنگ" سڏيو وڃي ٿو. انڊين نيشنل ڪانگريس 1885ع ۾ ٺهي، جنهن امن پسندي ۽ عدم تشدد جي ذريعي آزادي لاءِ ڪم ڪيو. مهاتما گانڌي عدم تشدد، ستيه گره ۽ سول نافرماني جي ذريعي آزادي جي تحريڪ جو مرڪزي ڪردار بڻيو. مسلم ليگ ۽ محمد علي جناح مسلمانن جي الڳ سڃاڻپ لاءِ جدوجهد ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان قائم ٿيو. هندستان جي آزاديءَ کان پوءِ به ڪشمير، ناگالينڊ، آسام ۽ ٻين علائقن ۾ علحدگي پسند تحريڪون هلنديون رهيون. سک تحريڪ "خالصتان"، ڪشمير جي آزادي لاءِ جدوجهد، ۽ نڪسلي تحريڪون اهم مثال آهن. نريندر مودي انهن تحريڪن کي هر صورت ۾ چيپائڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. سندس گهرو پاليسي به انتهائي جارحاڻي انداز واري آهي. ان جي مک ايجنڊا "هندوتوا" آهي. موديءَ جي قيادت ۾ ڀارتيه جنتا پارٽي (BJP) هندوتوا نظريي کي وڌائي رهي آهي، جيڪو هندستان کي هندو راشٽر (هندو قومي رياست) بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. شهريت ترميمي قانون (CAA) ۽ NRC مسلمانن جي خلاف تصور ٿيندڙ قانون، جنهن تي وڏي پيماني تي احتجاج ٿيا.

نوٽ: ليکڪ جي راءِ سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي.

سنڌ ۾ پورهيتن جون خودڪشيون

*** ڊاڪٽر عزيز ٽالپر ***

پهرين مئي تي مزدورن جو عالمي ڏينهن سڄي دنيا ۾ ملهايو ويو. اسان سنڌ جي مزدورن سمجهيو ته اڄ سرڪار سگهوري بينظير انڪم سپورٽ يا ٻئي ڪنهن مالياتي اداري پاران اسان مزدورن کي پندرهن ويهه هزار امداد ڏيندي، پر اسان کي ڪجهه ڪونه مليو. انهيءَ ڏينهن تي سرڪاري، سياسي، سماجي ۽ ادبي تنظيمن اسان جي حق ۾ وڏا وڏا سيمينار ڪيا. پر اسين مزدور ماڻهو شهرن جي فوٽ پاٿن تي رنبا، هٿوڙا، ڇيڻيون، مارا، ڊرل مشينون ۽ رنگ ڪرڻ وارا برش کڻي صبح کان شام تائين ويٺا هئاسين. پر اسان وٽ ڪير لڙي به ڪونه آيو. ٿيو ته ٿيو پر ڪو صحافي سگهورو اسان جا فوٽو ڪڍڻ به ڪونه آيو. روز ويهون پر روزگار نه ملڻ ڪري خالي هٿين گهر وڃون ته گهر وارين اسان کي روز ست شريون ٻڌائين. مجبور ٿي مون فيصلو ڪيو ته مزدوري ڇڏي ٻيو ڪو ڌنڌو ڪرڻ کپي. منهنجي ڳوٺ جو مشهور ۽ نالي وارو صحافي رمضان ٿورو به مون وانگر غربت جو شڪار هو. باضمير ۽ باڪردار هئڻ ڪري ڪيس پئسا وڻڻ جو فن ڪونه ٿي آيو. سندس ادارو ڪيس خالي شاباشي ڏيندو هو. باقي گهر جي خرچ لاءِ عاليشان آڱوٺو ڏيکاريندو هو. نتيجي ۾ رمضان ٿوري جي گهر ۾ اٽو وٽو لٽو چٽو پٽو ۽ ان جو ڪٽو به ڪونه هو. اڻهوند جي ڪري هو مونکان اوڌر وٺڻ ايندو هو. آئون هن کان اوڌر وٺڻ ويندو هئس. هو مونکي کلي پاڪر پائي جواب ڏيندو هو ۽ آئون به ڪيس کلي پاڪر پائي جواب ڏيندو هئس. وڏا چئي ويا هئا ته، "ٻُڪيا آيا پيڻگين وٽ ته اڄو عيد ملهايون". سو اسان ٻنهي جي حالت اهڙي خراب هئي، جو خودڪشي جو پروگرام ٺاهيوسين. انهيءَ لاءِ اسان ٻنهي گڏجي هڪ قومي ڪانفرس ڪئي. جنهن جي ٺهراءِ ۾ اهو منظور ٿيو ته خودڪشي، زندگي کي شڪست ڏيڻ حرام آهي. آڪري اسين غربت ۾ ڪيترا به ذليل ٿيون، خودڪشي ڪونه ڪنداسين. ڇهن ڪلاڪن جي بحث کانپوءِ اسان اهو پڪو فيصلو ڪيو ته هو صحافت ڇڏي ۽ آئون مزدوري ڇڏيان ۽ اسين ٻئي عزت سان جيئڻ لاءِ طريقو نمبر 13 اختيار ڪريون. اهو اهو هو ته آئون نقلي پير ۽ وڏو مرشد ٿي وڃان ۽ رمضان ٿورو منهنجو خليفو ٿي وڃي. اهو ٺهراءُ اسان ٻنهي جي رضامندي سان پاس ٿي ويو ۽ اسان جي تاڙين جي گونج سان مون واري ڇاپرائين اوطاق لڏڻ لڳي پر شڪر آهي جو ڪِري ڪانه پئي. اسان راڄي نظاماڻي ۾ هڪ جاءِ مسواڙ تي ورتي. مون پنهنجو نالو حضرت جناب پير ڦهتل خان تنداڻي رکيو ۽ رمضان ٿوري جو نالو خليفو خاص خميسو رکيم. رمضان ٿورو ڳالهين جو ڳهير هو ۽ مونکان به 10 دفعا وڌيڪ استاد هو. تنهن منهنجي شان ۾ زبردست پمفليٽ ڇپرائي راڄي نظاماڻي ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ ورهايا ۽ شهر جي پٽين تي حڪيمن ۽ ڏندن جي ڊاڪٽرن وانگر منهنجي شان ۾ زبردست چاڪنگ ڪرائي. آئون مشهور ٿي ويس ۽ ماڻهن جي مون وٽ رش شروع ٿي وئي. هن هڪڙي استادي اها به ڪئي. ايندڙ ماڻهن ۽ ماين کان حال احوال ذات، نالا ۽ مسئلو پڇندو هو. اهو موبائل تي ميسيج ۾ مونکي موڪلي ڏيندو هو. آئون ايندڙن جا نالا ذات ۽ مسئلو ٻڌائيندو هئس ته اهي حيران ٿي ويندا هئا. کين پڪ هئي ته آئون واقعي ڪو ڦهتل پير ۽ مرشد آهيان. ڳوٺ ٺاري بوزدار مان به همراهه خداتو ۽ الاتو آيا. انهن جي زمين تي هڪ بااثر وڏيري قبضو ڪيو هو. هو اندر آيا ته مونکي رمضان ٿوري جو ميسيج پڄي ويو. مون کين چيو ابا توهين ٺاري بوزدار کان آيا آهيو؟ خداتو ۽ الاتو اٿو؟ توهان جي زمين تي بااثر وڏيري قبضو ڪيو آهي؟ اهو ٻڌي هو حيران ٿي ويا. کين پڪ ٿي ته آئون واقعي ڪو ڦهتل پير آهيان. مون وڏيري خلاف کين تعويذ لکي ڏنو ۽ هزار روپيا هديو به ورتو. وري هڪڙي مائي مسمات قابي آئي. تنهن جو مسئلو اهو هو ته سندس مڙس جو وڃڻ جو ٽائيم فڪس آهي، باقي اچڻ جو ڪو ٽائيم ڪونهي. ڪڏهن اٺن ڪلاڪن، ڪڏهن ويهه ڪلاڪن ڪانپوءِ اچي ٿو. ڪڏهن ته ٻه ٽي ڏينهن ڪونه اچي ٿو. چيومانس: "ادي تنهنجو مڙس ڇا ڪندو آهي؟" چيائين ته، "واپڊا ۾ نوڪري ڪندو آهي". چيومانس: "ادي ان جو ڪو به ڏوهه ڪونهي. واپڊا وارن جي بجلي وڃڻ جو ٽائيم فڪس آهي ۽ اچڻ جو ٽائيم انهن جي مرضي تي آهي. جڏهن بجلي کي موڪلين. تون کيس چئو ته واپڊا جي نوڪري ڇڏي وڃي ماستري ڪري ۽ بنا ڊيوٽي ڏيڻ جي گهر ويٺي پيو پگهار کڻي ۽ چوويهه ڪلاڪ توسان گڏ هجي". اهو مشورو ٻڌي مائي قابي ڏاڍي خوش ٿي ۽ مونکي 500 روپيا هديو ڏيئي رواني ٿي وئي. پوءِ مون ۽ رمضان ٿوري ڏاڍن ڦيٽن جو وقفو ڪيو. ماني کائي آرام ڪيو. سمهڻ وقت مونکي خيال آيو ته دنيا جي غريب ملڪن ۾ به بجلي جي ايڏي لوڊشيڊنگ ڪانهي، جيتري اسان جي پياري ملڪ ۾ آهي. ويهه ويهه ڪلاڪ بجلي بند هئڻ ڪري غريب عوام جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي. سيٺين وٽ ته جنريٽر آهن، ته يو پي ايس، ته سولر. جوهي، دادو ۽ ٻين شهرن ۾ عوام شٽر بند هڙتال ڪري واپڊا وارن خلاف مظاهرا ڪيا پر انهن جي ڪَن تي جونءِ به ڪانه چُري. پوءِ ماڻهو واپڊا وارن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. اهي ٻڌي واپڊا وارن پنهنجو نالو بدلائي ڇڏيو. ڪراچي جي واپڊا ڪي اليڪٽرڪ، حيدرآباد حيسڪو، لاهور ليسڪو. ننڍا سپ ٽيسڪو ٿي ويا. جهمپير جهميسڪو جنگشاهي جنگيسڪو پائيخان پينسڪو ۽ قلڪارا قيسڪو ٿي ويا. رات جو ٻار پڙهن ته بجلي ڪانهي، ٻار سمهن ته بجلي ڪانهي. واهه اسان جي واپڊا واهه! وقفي ڪانپوءِ اسان جو تعويذ ڌاڳي وارو ڌنڌو شروع ٿي ويو. اتي جي هڪ صحافي اسان ڪوڙن پير ۽ خليفي کي سڃاڻي ورتو. تنهن اسان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ وڃي صوبيدار صاحب کي ٻڌايو. اتفاق سان اهو صوبيدار منهنجو پيءُ جو مائٽ هو. منهنجي سس ماسي ناني تانگڻ جي ناني جي چاچي پڦي جو مڙس هو. تنهن اسان کي پيار سان اچي سمجهايو ته، "هاڻي هتان ٽپڙ گول ڪريو، نه ته قلم 420 ۾ جيل هليا ويندا!" اسان شرافت سان آتان ڪسڪي وياسين ۽ اچي ڳوٺ نڪتاسين. رمضان ٿورو ويو صحافت ۾ آئون لڳس مزدوري کي. وري به غربت جا پاڇا اسان جي گهرن تي اچي لڳا. پهرين مئي مزدورن جو ڏينهن هو. مون سوچيو هن دنيا کي خوبصورت مزدورن بڻايو آهي. خوراڪ پورهيت هارين ڏني آهي. جيڪي ان، ميوا ۽ ڀاڄيون اپائين. انهن جي گهر ۾ ٻار بکيا سمهن. جيڪي عاليشان بنگلا ۽ پلازا ٺاهين، اهي جهوپڙين ۾ رهن. جيڪي پڪا ڪٽي روڊ ٺاهين، انهن وٽ نه ڪار نه موٽرسائيڪل، نه سائيڪل جيڪي اهي روڊ تي هلائين. جيڪي فيڪٽرين ۾ عاليشان شيون ٺاهين، اهي انهن جي ٻچڙن کي نصيب ڪونهن پوءِ مزدورن جي لاءِ پهرين مئي تي اجلاس، جلسا ۽ ڪانفرنسون ڪهڙي ڪم جون؟ اهو محسوس ڪري آئون ڏڪارو ٿي ويس.

نوٽ: ليکڪ جي راءِ سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي.

ليکڪ ۽ اديب جي وچ ۾ بنيادي ادبي فرق ۽ علمي تضاد

*** سڪندر گلاب سومرو ***

اسان جي اڪثريت هي سمجهي ٿي ته "لکڻ ۽ پڙهڻ واري دنيا" جو تعلق بظاهر تعليمي ادارن ۽ ان سان سلهاڙيل فردن جي ڪرت سان آهي پر اسان ساڳين لفظن جي گهرائي جو مشاهدو ڪنداسين ۽ هنن جي وسيع منظر نامي ۾، يا ڪن مخصوص فردن جي ذوق ۽ شوق کي آڏو رکي جيڪڏهن هنن جي تور تڪ (اسيسمنٽ) ڪنداسين ته هنن ٻنهي لفظن جي حرمت ۽ معنيٰ جي پويان جيڪو ڳجهه سمايل آهي اهو ڳجهه اسان جي ملاقات ٻن اهم لفظن "ليکڪ" يعني رائيٽر ۽ "اديب" يعني آٿر سان ڪرائيندي ڪنهن به قسم جو غار محسوس ڪونه ڪري. ليکڪ ۽ اديب وارن لفظن کي عام طور تي هڪ ئي معنيٰ ۾ ورتو ۽ سمجهيو وڃي ٿو پر انگريزي ادب هنن ٻنهي لفظن ۾ نه صرف واضح ۽ چٽو فرق ڪري ٿو پر هنن ٻنهي جي ادبي ۽ علمي تضاد کي به اڀاري ٿو ۽ فرق ۽ تضاد هي ڄاڻ ڏئي ٿو ته هنن ٻنهي لفظن ۾ جيڪڏهن ڪو تفاوت آهي، ته ڇو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو تضاد آهي، ته ڇو آهي؟ اسان مان اهي فرد جيڪي لکڻ ۽ پڙهڻ واري دنيا سان سلهاڙيل آهن انهن کي هنن جا پڙهندڙ ڪنهن وقت لکندڙ چون ٿا ته، ڪڏهن لکاري چون ٿا يا ڪنهن گهڙي ليکڪ ته ڪڏهن وري اديب طور ياد ڪن ٿا. سوال ٿو پيدا ٿئي ته پڙهندڙن پاران هنن ٻنهي لفظن جي حرمت ۽ معنيٰ جو خيال ڇو ڪونه ٿو ڪيو وڃي؟ ڇو اسان اڪ ڪتابن جا پڙهي به هنن لفظن جي ادبي فرق ۽ علمي تضاد کي ناهيون سمجهي سگهيا. هن ڳالهه کان انڪار ناهي ته جيڪي فرد انگريزي يا سنڌي ادب جي دنيا سان واسطو رکن ٿا، انهن کي چڱي طرح سان هي ڄاڻ هوندي ته ليکڪ ڪير آهن؟ اديب ڪير ٿي سگهي ٿو؟ پر عام خلق کي هي خبر بلڪل به نه هوندي ته هر ليکڪ اديب ناهي ٿي سگهندو ۽ هر اديب ليکڪ ناهي هوندو. پر وري ائين به آهي ته ليکڪ اديب نه ٿي سگهي ٿو پر اديب جي ليکڪ ٿيڻ جا تمام گهڻا مثال ملن ٿا. يعني ليکڪ ۽ اديب هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا ته ٿي سگهن ٿا پر اهڙن سڪن جو تعداد تمام گهٽ هجي ٿو. ڪجهه اهم فرق ۽ تضاد جيڪي لفظ ليکڪ ۽ اديب کي چٽي نموني سان الڳ ڪري بيهارن ۽ سڃاڻپ ڪرائين ٿا، اڄ پنهنجي مطالعي، ڄاڻ ۽ سمجهه جي موجب ڪوشش ڪري توهان کي انهن جي باري ڪجهه ٻڌايون ٿا. ڇاڪاڻ جو هي هڪ علمي ڪم ۽ بحث آهي. عام قاري کي هنن لفظن جي حرمت، فرق ۽ تضاد جي باري ۾ ڄاڻي فائدو ضرور ٿيندو. ادبي مواد جي مطالعي مان اسان کي هي ڄاڻ ملي ٿي ته "ليکڪ" ۽ "اديب" اڪثر هڪ ٻئي جي نعم البدل جي طور تي استعمال ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿيندا رهن ٿا پر حقيقت ۾ اهي ٻئي لفظ علمي ادبي حوالي سان هڪ ٻئي کان مڪمل طور تي مختلف ڪردارن، فردن ۽ ڪرتن جي نمائندگي ڪن ٿا. هنن ٻنهي لفظن جي وچ ۾ جيڪي فرق ۽ تضاد آهن انهن کي سمجهڻ هر ان ماڻهوءَ جي لاءِ تمام گهڻو ضروري آهي جيڪو ادب سان ٿورو يا گهڻو لڳاءُ رکي ٿو يا ادبي ڪيترن مان ڪنهن به هڪ يعني يا ته نثر سان يا وري نظم سان واسطو رکي ٿو يا وري ٻنهي سان واسطو رکندڙ هوندو آهي. ليکڪ ڪنهن کي چئجي ٿو؟ اصطلاحي طور تي لفظ ليکڪ هڪ وسيع ۽ ڊگهي معنيٰ کي بيان ڪري ٿو هر اهو ماڻهو ليکڪ آهي جيڪو لکڻ واري سرگرمي ۾ عملي طور تي سرگرم آهي. توڻي جو ليکڪ لکڻ واري ڪرت ۾ ته اڳڀرو هوندو آهي پر هو ان ذات کان محروم هوندو آهي جيڪا هڪ اديب جي وڏي سڃاڻپ بڻيل هوندي آهي يعني ٺواڻ يا تخليقيت. ليکڪ پنهنجي ڪا تخليق ناهن گهڙيندا ليکڪ لکڻين جون مختلف شڪليون ته تيار ڪري سگهن ٿا پر اهي ان قابليت کان محروم هوندا آهن جيڪا قابليت پنهنجو هڪ الڳ ئي اندازِ بيان رکي به ٿي ۽ سڃاڻپ به ڪرائي ٿي ليکڪ مضمون، رپورٽون، ڪالم، مڪالما ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه لکندا آهن ۽ جن جو بنياد اڪثر ٻين جون تخليقون ۽ خيال به هوندا آهن پر هو هي دعويٰ نٿا ڪري سگهن ته اهي سڀ لکڻيون هنن جا پنهنجا ذاتي خيال ۽ تخليقون آهن. صحافت، اشتهار سازي، ٽيڪنيڪي يا تخليقي لکڻيون، جن جو بنيادي ڌيان معلومات يا بيان کي موثر طريقي سان پيش ڪرڻ يا پهچائڻ تي هوندو آهي اهو سڀ ليکڪ جو ڪم هوندو آهي. ليکڪ جو ڪردار هي به هوندو آهي ته ڪنهن ٻئي جي خيال ۽ تخليق کي بيان ڪرڻ يا حقيقتن تي آڌاريل معلومات کي هڪ سهڻي انداز ۽ موثر نموني سان ٻين تائين پهچائڻو آهي. مثال طور، توهان بطور هڪ ليکڪ جي ڪنهن مشهور ماڻهو جي باري ۾ لکڻ چاهيندا آهيو ته سڀ کان اول ان جي زندگي جي هڙني پاسن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪندا آهيو ۽ ان کي عوامي معلومات جو هڪ بهترين ذريعو بڻائڻ جي لاءِ پنهنجي لکڻي کي هڪ خوبصورت بياني جي شڪل يا تعريف ۾ منتقل ڪندا آهيو يعني هڪ ليکڪ ڪنهن جي زندگي جو شاهڪار ڪهاڻيڪار بڻجڻ وارو ڪردار ته ادا ڪرڻ وارو بڻجي ويندو آهي پر اها ڪهاڻي جي ذاتي تخليق نه پر هن جو ذاتي ليک، ادبي لکڻي يا تحقيق هوندي آهي. اديب ڪنهن کي چئجي ٿو؟ اديب ليکڪن جو اهو قسم آهي جيڪو ڪنهن خيال کي پنهنجي ذهني ڪينواس تي آڻي هڪ خاص ڪم جي شروعات ڪري ٿو جيئن ڪا ڪهاڻي لکڻ، شاعري ڪرڻ ۽ ٻيون به اهڙيون ادبي تخليقي ڪاوشون ڪرڻ جهڙوڪ ناول يا ناٽڪ لکڻ. هڪ اديب جي سڃاڻپ هن جي تخليق هوندي آهي. هڪ اديب پنهنجين تخليقن جي ذريعي پنهنجي خيالن، تصورن ۽ ذات کي پيش ڪرڻ جا ذميوار هوندا آهن. اهي ليکڪ وانگي ٻيون به لکڻيون لکي سگهن ٿا پر هنن جي سڃاڻپ هنن جون تخليقون ئي هونديون آهن. اديبن کي جيڪا شئي ليکڪن کان منفرد ۽ الڳ ڏسي ٿي اهو هنن جو اندازِ بيان (ڊڪشن) آهي. اديب سدائين تصورن ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن ۽ ڪمال جون تخليقون تيار ڪري پنهنجي صلاحيتن جي سگهه کي مڃائڻ ۾ ڪامياب ويندا آهن.

نوٽ: ليکڪ جي راءِ سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي.

بقايا 01

آهي ته ٻنهي ملڪن ۾ جوهري جنگ نه ٿيندي. ٻئي پاسي پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو آهي ته ڀارت پاڪستان طرفان جاچ جي آڇ کي نه مڃي جارحيت جو رستو اختيار ڪيو جنهن تي جوابي ڪارروائي ڪرڻ پاڪستان جو حق آهي. هفتيوار نيوز بريفنگ ۾ پرڏيهي وزارت جي ترجمان شفقت علي خان چيو ته 8 مئي جي رات ڀارت پاڪستان تي جارحيت جو مظاهرو ڪيو. ڀارت پاڪستان جي سالميت کي چيلينج ڪيو. ڀارت پاڪستان تي حملو ڪيو آهي جواب ۾ پاڪستان پنهنجي دفاع جو حق محفوظ رکي ٿو. هن چيو ته ڀارتي جنگي جنون خطي جي امن لاءِ خطرو آهي. پاڪستان هر ممڪن صبر تحمل جو مظاهرو ڪري رهيو آهي. پاڪستان ڀارت جي جارحيت جي مذمت ڪري ٿو. ڀارت عالمي قانون جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي. پهلگام واقعي جي آڙ ۾ پاڪستان جي خلاف ڪوڙو پروپيگنڊا ڪري رهيو آهي. پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو ته ڀارت طرفان پاڪستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ڊرون حملا ڪيا ويا. ڇا ڪوبه ملڪ ڪنهن ٻئي ملڪ کي سوشل ميڊيا تي ڏنل بيانن تي حملو ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو؟ اسان دنيا کان مطالبو ڪريون ٿا ته ڀارت کي انهي معاملي تي ڏوهاري قرار ڏئي. هن چيو ته ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدو معطل ڪرڻ جي مذمت ڪريون ٿا. ڀارت هڪ طرفو سنڌ طاس معاهدي کي معطل نٿو ڪري سگهي. اسان ڀارت جي پرڏيهي سيڪريٽري جي بيانن کي به رد ڪريون ٿا. پرڏيهي وزارت جي ترجمان شفقت علي خان چيو ته پاڪستان گڏيل قومن جي چارٽر موجب ڀارتي جارحيت جي خلاف جوابي ڪارروائي جو حق رکي ٿو. وزيراعظم مڪمل انڪوائري جو چيو پر ڀارت جارحيت جو رستو اختيار ڪيو. ممبئي ۽ پٺانڪوٽ جي جاچ ڀارت جي ڪري نه ٿي سگهي. ڪلڀوشن يادو ڀارت جي انتهاپسندي جو مثال آهي. هندوانتهاپسندي ۾ 40 پاڪستاني شهيد ٿيا. هن وڌيڪ چيو ته نيلم جهلم هائڊرو پاور پراجيڪٽ جا ڪجهه حصا ڀارتي جارحيت جي نتيجي ۾ تباهه ٿيا. پاڪستان زرعي ملڪ آهي ڀارتي فيصلي جا اثر ڪروڙين ماڻهن تي پئجي رهيا آهن. اهو ڀارت ئي هو جيڪو جمون ڪشمير جي معاملي کي گڏيل قومن ۾ کڻي ويو. ڀارت مسلسل ٽئين ڌر يا پاڙيسري ملڪ کي پٽ سان لڳائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي.

بقايا 02

ٻارڙيون به نشانو بڻيون ۽ افسوس ته ڀارتي ميڊيا ان واقعي تي جشن ملهائي رهي آهي. ترجمان ٻڌايو ته پاڪستان جي طرفان جوابي ڪارروائي رڳو انهن ڀارتي فوجي پوسٽن تائين محدود آهي جتان پاڪستان تي فائرنگ ڪئي وڃي ٿي. ڊي جي آءِ ايس پي آر جو چوڻ هو ته ڀارت اندر مسلمانن ۽ ٻين اقليتن تي حملا ڪيا پيا وڃن جتي سرِعام طور تي مسلمانن کي قتل جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ ۾ ملوث رهيو آهي ۽ فتنه الخوارج ۽ ٻين گروهن جي مدد ڪري رهيو آهي. ڀارت انڊيا سوشل ميڊيا اڪائونٽس به بند ڪرائي ڇڏيا آهن ۽ هر ڪلاڪ ڪانپوءِ هڪ نئين ڪوڙي ڪهاڻيءَ جي بنياد تي پروپئگينڊا ڪري رهيو آهي. والاريل ڪشمير ۾ ڪوڙا انڪائونٽرز ڀارتي قابض فوج لاءِ عام روايت بڻجي چڪا آهن. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته ڀارت، آمريڪا، ڪئناڊا ۽ پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿيندڙ دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهي. هن واضح ڪيو ته ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جو اسپانسر آهي جنهن جا پڪا سان ثبوت موجود آهن. پاڪستان اندر ٿيندڙ حملا ڀارتي فوج جي هدايتن تحت ٿين ٿا، جتي ڀارتي اهلڪار دهشتگردن کي ڪارروائيءَ جا ٽاسڪ ڏين ٿا ۽ ٻنهي جي وچ ۾ رابطن جا به ثبوت موجود آهن. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پهلگام واقعو 22 اپريل تي منجهند 2 وڳي 20 منٽن تي پيش آيو جڏهن ته رڳو 10 منٽن اندر يعني 2 وڳي 30 منٽن تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي وئي، ڀارت بنا ڪنهن جاچ يا ثبوت جي فوري طور پاڪستان مٿان حملي جو الزام مڙهي ڇڏيو. هن چيو ته ڀارتي ميڊيا به واقعي کان پوءِ ڪنهن به ثبوت ڪانسواءِ پاڪستان کي ذميوار قرار ڏنو ۽ ڀارت الزام لڳايو ۽ ثبوت ڏيڻ بدران پاڪستان تي حملو ڪري ڏنو. بريفنگ دوران والاريل پهلگام واقعي بابت والاريل ڪشمير جي عوام جون مختلف وڊيوز به ڏيکاريون ويون، جن ۾ ڪشميري ماڻهو پاڻ به واقعي بابت سوال اٿاري رهيا هئا. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪستان پنهنجي سالميت ۽ جي هر قيمت تي حفاظت ڪندو. پريس بريفنگ دوران بحريه ۽ هوائي فوج جا سينيئر آفيسر پڻ موجود هئا. ميڊيا موجب پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته ڀارتي فوج ڄاڻي واڻي پاڪستان جي شهري آبادي تي فائرنگ ڪري رهي آهي، جڏهن ته پاڪستان رڳو انهن ڀارتي پوسٽن تي جوابي ڪارروائي ڪري رهيو آهي، جتان پاڪستاني شهري آبادي تي فائرنگ ڪئي پئي وڃي. ترڪ ميڊيا کي ڏنل هڪ انٽرويو دوران ڊي جي آءِ ايس پي آر واضح ڪيو ته پاڪستان طرفان نه ڪو ڊرون حملو ڪيو ويو آهي، نه ڪو راڪيٽ فائر ٿيو آهي ۽ نه ئي ڪا فضائي ڪارروائي عمل ۾ آئي آهي. ترجمان موجب، پاڪستان رڳو ننڍن هٿيارن ذريعي ڀارتي فوجي چوڪين تي محدود جوابي ڪارروائي ڪري رهيو آهي. جنرل احمد شريف چيو ته ڀارت طرفان ميڊيا تي اها مهم هلائي پئي وڃي ته پاڪستان فضائي ۽ ڊرون حملا شروع ڪيا آهن، جيڪو ڪوڙ ۽ من گهڙت افسانو آهي. هن چيو ته اڄ جي جديد دور ۾ هر حملي جو اليڪٽرانڪ ثبوت موجود هوندو آهي، جيڪڏهن پاڪستان واقعي ڪو ميزائل يا فضائي حملو ڪيو هجي ها ته ان جو اليڪٽرانڪ ثبوت هجي ها. ڊي جي آءِ ايس پي آر اهو به سوال اٿاريو ته جيڪڏهن ڀارت پاڪستاني جهاز تباهه ڪيو آهي ته ان جو ملبو ڪٿي آهي؟ ۽ جيڪڏهن ڀارت وٽ واقعي پاڪستاني پائيلٽ قيد آهن ته اهي ڪٿي آهن؟ هن وڌيڪ چيو ته ڀارتي ميڊيا من گهڙت قصن سان عوام کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جيڪي هاڻي کِل جوڳا بڻجي چڪا آهن. هوڏانهن پاڪستاني فورسز ڀارتي جارحيت کي ناڪام بڻائيندي موڪليل وڌيڪ 48 اسرائيلي ٺاهيل ڊرونز تباهه ڪري ڇڏيا. سيڪيورٽي ذريعن مطابق، ڀارت طرفان موڪليل اسرائيلي ٺاهيل ڊرونز کي وهاڙي، پاڪپتن ۽ اوڪاڙا ۽ ٻين شهرن ۾ تباهه ڪيو ويو. پي ٽي وي نيوز سيڪيورٽي ذريعن جي حوالي سان خبر ڏني آهي ته 8 مئي جي شام تائين 29 ڊرونز ڪيرايا هئا ۽ گذريل رات کان هن وقت تائين 48 ٻيا ڊرونز به ڪيرايا ويا آهن جنهن بعد ٻن ڏينهن ۾ ڪيرايل ڊرونز جو انگ 77 ٿي ويو آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته سڀئي ڊرونز ريڊار تي لڳاتار مانيٽر ڪيا پئي ويا، جڏهن به ڪو ڊرون ايندو آهي ته اهو ريڊار تي نظر اچي ٿو. اسان جي ايئر ڊفينس سسٽم وٽ اها صلاحيت آهي ته ننڍن ڊرونز کي به ٽريڪ ڪري سگهجي ٿو. شهري آبادي واري علائقن ۽ ڪمرشل فلائيٽس دوران ڊرون کي مارڻ جو خاص آپريشنل طريقو موجود آهي. ميڊيا موجب لائن آف ڪنٽرول (ايل او سي) تي ڀارتي جارحيت جي نتيجي ۾ پاڪستان جوابي ڪارروائي ڪندي دشمن جون ڪيترين پوسٽن کي تباهه ڪري ڇڏيو. سيڪيورٽي ذريعن موجب، پاڪ فوج طرفان ڪيلر سيڪٽر ۾ ڊوبه مور پوسٽ ۽ بٽالين هيڊڪوارٽر تباهه ڪيا ويا آهن. جڏهن ته سوجي ۽ پير ڪانٽي سيڪٽر ۾ جبار اينڊ ٽرڪيان ڪمپليڪس مڪمل طور تباهه ڪيو ويو آهي، ڪانسواءِ حاجي پير سيڪٽر ۾ ڀارتي فوج جي رنگ ڪنٽونٽر پوسٽ تباهه ڪئي وئي آهي، پاڪستاني فوج دشمن جي پوڪراڻ مارٽر بڪليسر پوسٽ کي به تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 03

بي آر ٽي رٽا تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو. اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ٽرانس ڪراچي جي سي اي او فواد غفار سومرو، ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ جي نمائندن، رٽا جي ڪانٽريڪٽرز انجنيئرز ۽ ٽرانس ڪراچي جي سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ريڊ لائن بي آر ٽي رٽا جي ڪم جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. رٽا ۾ درپيش مسئلن تي تفصيلي گفتگو ڪئي وئي. اجلاس ۾ لاٽ ٿري، ڊيپوز جي ڊزائن، بايو گيس پلانٽ سميت ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڪي فور واٽر پروجيڪٽ جي آگمنٽيشن ۽ ڪيترن ئي ڪمپنين پاران يوٽيلٽيز جي منتقلي پروجيڪٽ ۾ درپيش اهم ترين مسئلا آهن. اجلاس ۾ ڳالهائيندي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ريڊ لائن بي آر ٽي، جديد، ماحول دوست ۽ جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام ڏانهن هڪ تاريخي قدم آهي. سمورا لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز ڪم ۾ ٻيهر تيزي آڻين. گهٽي کان گهٽا وسيلا ميدان ۾ لاهن ۽ رٽا کي جلد کان جلد مڪمل ڪن. هن چيو ته ريڊ لائن بي آر ٽي رڳو ٽرانسپورٽ جو منصوبو ناهي پر ڪراچي جي عوام سان هڪ بهتر صاف ستري ۽ رسائي جوڳي شهري مستقبل جو واعدو آهي. يوٽيلٽيز جي منتقلي سميت ٻين اشوز جي حل لاءِ قدم کنيا ويا آهن. اجلاس ۾ ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ جي نمائندن به پنهنجي مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي.

بقايا 04

فوج هٿان ڀارت جي رافيل جهازن جي ڪرڻ تي طنزيه گيت ٺاهي ورتو آهي. سوشل ميڊيا تي ڪجهه چيني ميمرز جي هڪ ٽڪ ٽاڪ وڊيو تيزيءَ سان وائرل ٿي رهي آهي. وڊيو ۾ چار چيني ميمرز کي ڀارت جي جنگي جهازن "رافيل" جي ڪرڻ ۽ ان جي نقصان بابت ٺاهيل طنزيه گيت تي جهومر هڻندي ڏسي سگهجي ٿو. وائرل وڊيو ۾ چيني ميمرز ڀارت گيت اپ ۽ ڀارتي گيت جي ڌن تي نچندي ڀارتي دعوائن تي ٺٺول ڪندي نظر اچي رهيا آهن.

بقايا 05

پرڏيهي وزير جي اسلام آباد پهچڻ تي پاڪستان ۾ سعودي سفير ۽ پرڏيهي وزارت جي اعليٰ عملدارن سندس آجيان ڪئي. سعودي مملڪتي وزير پاڪستاني قيادت سان ملاقات دوران پاڪ-ڀارت ڇڪتاڻ ۽ خطي جي مجموعي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو. واضح رهي ته عادل الجبير ان کان اڳ ڀارتي قيادت سان به ملاقاتون ڪري چڪو آهي.

بقايا 06

پرڏيهي ميڊيا موجب، حادثي جو شڪار ٿيل "بيل 212" هيلي ڪاپٽر ۾ ڪُل 12 ماڻهو سوار هئا، جيڪو مادورو اويا جي آبي ذخيري ۾ ڪري تباهه ٿيو. رپورٽ موجب، فوت ٿيندڙن ۾ سري لنڪن اسپيشل فورسز ۽ ايئر فورس جا اهلڪار شامل آهن. جڏهن ته 6 ڄڻا زخمي پڻ ٿيا آهن. سري لنڪن هوائي فوج جي ترجمان موجب ته حادثي جو شڪار ٿيندڙ هيلي ڪاپٽر "پاسنگ آئوٽ پريڊ" جي مشق لاءِ وڃي رهيو هو. ميڊيا رپورٽ موجب، سريلنڪن اختيارن طرفان حادثي جا ڪارڻ اڃا تائين نه ڄاڻايا آهن.

بقايا 07

هيلٿ بابت صلاحڪار سليم بلوچ سان گڏ ڪراچي ۾ خاص ٻارن جي مرڪز (IHRI) انسٽيٽيوٽ آف هولسٽڪ ريهيبليٽيشن اينڊ انڪلوزن جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ناصر شاهه اداري جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته سنڌ جي وڏي وزير پاران 20 ملين رپيا ۽ پنهنجي پاران هڪ ملين رپيا ڊونيشن جو اعلان ڪيو ويو آهي. صوبي جي وزيرن سينٽر جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ اتي موجود استادن ۽ ٻارن سان ڳالهيون ڪيون. ان موقعي تي ان سان گڏ آئي ايڇ آر آئي جي باني رزاق پرديسي، پروگرام هيڊ عافيه وجاهت، ڊائريڪٽر پي آر آغا شيرازي، برانڊ ايمبيسيڊر مظهر رضوي، راجا محمد اشرف ۽ عباس ڏاريجو پڻ موجود هئا. وزير توانائي چيو ته اهڙا ادارا ۽ غير سرڪاري سماجي تنظيمون عوام جي خدمت ڪري حڪومت جو هٿ مضبوط ڪري رهيا آهن. ناصر حسين شاهه ان موقعي تي اعلان ڪيو ته 2000 ٻارن کي مدد فراهم ڪندڙ ان اداري جي سڀني سينٽرن کي واري سان سولرائيزيشن ڪنداسين. وزير توانائي وڌيڪ چيو ته هو عوام جي ڏينهن رات خدمت ڪندڙ سڀني رفاحي ۽ فلاحي ادارن، انهن جي باني منتظمين ۽ رضاڪارن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو جي عوامي خدمت ۽ ريليف فراهم ڪرڻ جي ويزن مطابق حڪومت اهڙن ادارن جي مڪمل سرپرستي ۽ هر ممڪن تعاون لاءِ هر وقت تيار آهي.

بقايا 08

تي پاڪستان جي دفاعي نظام ڀارتي هوائي فوج جا ٻه رافيل جهاز ڪيرايا، جن جي پائلٽن جون حياتيون برطانوي ڪمپني مارٽن بيڪر جي "ايجيڪشن سسٽم" ذريعي بچايون ويون. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي لکيو ته ڀارتي رافيل جهاز مارٽن بيڪر MK_16 ايجيڪشن سيٽ استعمال ڪن ٿا. هن چيو ته برطانوي ڪمپني مارٽن بيڪر هر ان پائلٽ جو رڪارڊ رکندي آهي جنهن جي جان ان جي ٽيڪنالاجي جي ذريعي بچي هجي ۽ هي ڄاڻ هو پنهنجي ايڪس اڪائونٽ تي شايع ڪندي آهي. تازو هنن بچايل پائلٽن جو انگ 7,784 مان وڌائي 7,788 ڪيو آهي. هن چيو ته فهرست ۾ شامل بچايل نون پائلٽن مان هڪ پائلٽ آمريڪي نيوي جي سپر هورنيٽ جهاز جي بحيره احمر ۾ تباهه ٿيڻ سان تعلق رکي ٿو. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته باقي بچايل ٽي پائلٽ ڀارتي رافيل جهازن جا هئا، جيڪي واضح طور تي پاڪستان جي هٿان 6 ۽ 7 مئي 2025 تي ڪيرايا ويا.

بقايا 09

تي سخت تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجه آصف چيو ته ڀارت کي هر طرفان مار ملي آهي پر هو پنهنجي عوام کي مطمئن رکڻ لاءِ حقيقت نه ٿو ٻڌائي. هن چيو ته ڀارت جو ڪوڙ هاڻ وائکو ٿي رهيو آهي. پاڪستان ڪنهن به شهري آبادي کي نشانو نه بڻايو آهي. پاڪستان رڳو فوجي ٺاڪن تي حملو ڪيو آهي. هن چيو ته پاڪستاني عوام پُرسڪون رهي پاڪ فوج ملڪ جي حفاظت ڪري رهي آهي. واضح رهي ته پاڪستاني فورسز 6 ۽ 7 مئي تي ڀارتي جارحيت کي ناڪام بڻائيندي ڀارت جا 77 ڊرون تباهه ڪيا آهن. جڏهن ته 7 مئي تي فضا ۾ ٿيل دنيا جي سڀ کان وڏي ڊاگ فائيٽ ۾ پاڪستاني شاهينن ڀارتي رافيل جي "تڪبر" کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو هو.

بقايا 10

تائين فلائيٽ آپريشن معطل هو. پاڪستان ايئرپورٽ اٿارٽي موجب سڀني هوائي اڏن تي فلائيٽ آپريشن ايندڙ حڪم تائين بحال ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته ڀارت ۾ هن وقت به 24 هوائي اڏن کي بند ڪري فلائيٽ آپريشن معطل ڪيو ويو آهي جنهن سبب ڀارت ۾ سوين اڏامن جو شيڊول درهم برهم ٿي ويو آهي.

بقايا 11

کي بين الاقوامي نيوز ايجنسين سميت مشهور استعمال ڪندڙن جا 8,000 کان وڌيڪ اڪائونٽ بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. سوشل ميڊيا پليٽ فارم جو چوڻ آهي ته ان کي هندستاني حڪومت کان 8,000 کان وڌيڪ اڪائونٽس بند ڪرڻ جون هدايتون مليون آهن. سوشل ميڊيا پليٽ فارم موجب، هندستاني آرڊر ۾ بين الاقوامي نيوز ايجنسين ۽ مشهور استعمال ڪندڙن جا اڪائونٽ پڻ شامل آهن. هندستاني حڪومت 8,000 اڪائونٽس بلاڪ نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڪمپني جي مقامي ملازمن کي ڳري جرمانو ۽ گرفتارين جي ڌمڪي ڏني آهي. سوشل ميڊيا پليٽ فارم جو چوڻ آهي ته اهو صرف هندستان ۾ اهي اڪائونٽس بند ڪندي اڪائونٽس بند ڪرڻ جي هندستاني مطالبي سان متفق ناهي ۽ قانوني ڪارروائي تي غور ڪري رهيو آهي.

بقايا 12

ڀارت اينڪرز ڪوڙ ۽ غير ذميوار صحافت ذريعي نفرت پکيڙي رهيا آهن. سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي جنگ مودي جي انتها پسند نظريي سان آهي، ڀارت جي هندو سک يا مسلمان ماڻهن سان نه آهي. هن چيو ته اسان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ 90 هزار کان وڌيڪ جانيون قربان ڪيون آهن. گورنر سنڌ چيو ته ڀارت حملن جي شروع ڪئي هاڻي جواب ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته پاڪستاني فنڪار، اينڪرز ۽ سڀني مڪتب فڪر جي ماڻهن کي متحد ٿي سوشل ميڊيا تي موديءَ جي بزدلانه جارحيت خلاف آواز بلند ڪرڻ گهرجي. گورنر سنڌ چيو ته سڄي قوم پاڪستاني هٿياربند فوج سان گڏ بيٺل آهي. دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو.

بقايا 13

ڏئي ڇڏي آهي، جيڪا پاڪستان جي معاشي استحڪام لاءِ اهم ثابت ٿيندي. واضح رهي ته پاڪ-ڀارت ڇڪتاڻ ڪانپوءِ آءِ ايم ايف پاڪستان جي قرض پروگرام کي معطل ڪرڻ جي هندستان جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو.

بقايا 14

طور حق حاصل آهي. هن اها ڳالهه ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ آيل سعودي عرب جي مملڪتي وزير خارجه عادل الجبير سان ملاقات دوران ڪئي. اسلام آباد ۾ ٿيل ملاقات دوران وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاڪستان پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي مڪمل تحفظ لاءِ پرعزم آهي. هن علائقائي تڪرار گهٽائڻ ۽ امن قائم ڪرڻ لاءِ سعودي حڪومت جي سفارتي ڪوشش جي به واکاڻ ڪئي. سعودي عرب جي مملڪتي وزير پاڪستاني قيمتي جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته سعودي عرب ڏکڻ ايشيا جي موجوده صورتحال تي انتهائي ڳڻتي ۾ آهي. هن ٻيهر زور ڀريو ته سعودي عرب پاڪ-ڀارت تڪرار کي گهٽائڻ ۽ بين الاقوامي قانونن ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن جي روشنيءَ ۾ حل ڪرڻ جي حمايت جاري رکندو. وزيراعظم واضح ڪيو ته ڀارت جي بناجواز ۽ بنا اشتعال وارين ڪارروائين پاڪستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي مڪمل ڀڃڪڙي آهي. جيڪا علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ سنگين خطرو آهي. هن ڀارت جي ميزائلن ۽ ڊرونز ذريعي ٿيل حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي جن جي نتيجي ۾ ڪيترائي بيگناهه شهري، جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن شهيد ٿيا ۽ ملڪيتن کي به نقصان پهتو. ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته جولاءِ 2024 کان اپريل 2025 تائين ترسيل 31.2 ارب ڊالر جي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي. وزيراعظم شهباز شريف هلندڙ مالي سال جي پهرين 10 مهينن دوران ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستانين کان موڪليل رقم ۾ رڪارڊ 31 سيڪڙو واڌ تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته جولاءِ 2024 کان اپريل 2025 جي عرصي دوران ترسيل 31.2 ارب ڊالر جي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي آهي. هن چيو ته ترسيل ۾ رڪارڊ اضافو معاشي پاليسين تي اعتماد جو اظهار آهي ۽ سمنڊ پار پاڪستاني ملڪ جي معيشت جي ترقي ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته حڪومت ملڪ جي معيشت کي ترقي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 15

بيٺل آهي. پاڪستان جي هٿياربند فوج ڀارت کي بهادري سان جواب ڏنو عالم به ڀارتي جارحيت جي مذمت ڪن. هن چيو ته پاڪستان کي هن وقت ڀارتي جارحيت کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي پاڪ فوج بهترين حڪمت عملي سبب ملڪ جو دفاع ڪيو. ملڪي دفاع تي پاڪ فوج کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. مولانا فضل الرحمان چيو ته ڀارتي جارحيت جي مذمت ڪريون ٿا. حملن ۾ معصوم شهري شهيد ٿيا. ڀارت مسجدن ۽ شهرين تي به ميزائل حملا ڪيا. پاڪ فوج بهادري سان ڀارت کي ڀرپور جواب ڏنو. هن چيو ته اسان اڄ ملڪ ۾ يوم دفاع ملهائڻ جو اعلان ڪيون. قوم پاڪ فوج سان گڏ آهي. هن چيو ته پشاور ۾ 11 ۽ ڪوئٽه ۾ 15 مئي تي ملين مارچ ٿيندو. اسان پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا. موجوده صورتحال ۾ هڪ ئي قومي بيان هجڻ گهرجي. هن چيو ته اها جنگ آهي جنهن ۾ اڳڀرائي نٿي ڪري سگهجي. ديني مدرسن جي شاگردن کي پهرين صف ۾ وڃي وڙهڻ گهرجي. مولانا فضل الرحمان چيو ته سفارتي طور تي پاڙيسري ۽ دوست ملڪن کي انگيج ڪرڻ گهرجي ها. چين، سعودي عرب، افغانستان ۽ ايران ۾ سفارتي مشن اماڻڻ گهرجي ها. اسان جو ڪوبه سفارتي مشن پرڏيهه ۾ نه آهي صرف ٽيليفون تي ڳالهيون ڪيون ويون آهن. هن عالمن کي چيو ته اهي ڀارتي جارحيت جي ڀرپور مذمت ڪن. بطور پارليامينٽ جي ميمبر طور سفارتي سرگرمين مان مطمئن نه آهيان. ڇا ڀارت اسرائيلي هٿيار پاڪستان جي خلاف استعمال نه ڪري رهيو آهي؟ ڀارت ۽ اسرائيل اتحاد اسان جي نشاني تي هجڻ گهرجي. جي يو آءِ (ف) جي سربراهه چيو ته اهو ئي وقت آهي ته اسان پنهنجي دفاعي ادارن کي مضبوط ڪريون.

بقايا 16

جنهن ۾ پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ سميت سرحدن جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون. رپورٽ موجب وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وقتي آمريڪي سفير کي تازي صورتحال کان آگاهه ڪيو. ڀارت جي ڊرونز دهشتگردي جي باري ۾ به بريف ڪيو ۽ چيو ته ڀارت سمورن عالمي قانونن کي پامال ڪيو. محسن نقوي چيو ته ڀارت شهري آبادين کي ڊرونز سان نشانو بڻائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي. پاڪستان موثر ڪارروائي ڪري درجنين ڊرونز کي ڪيرائي ڇڏيو. هن آمريڪي عهديدار کي ٻڌايو ته خطي جي خطرناڪ صورتحال جي سموري ذميواري ڀارت تي آهي. پورو خطو جنگ جي وڪڙ ۾ اچي چڪو آهي. وفاقي گهرو وزير چيو ته پاڪستان جي سلامتي تي ڪوبه سمجهوتو نه ڪنداسين. ياد رهي ته وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان آمريڪا جي وقتي سفير نيٽلي بيڪر گذريل ڏينهن به ملاقات ڪئي هئي جنهن ۾ ڀارت جي حملي کان پوءِ پيدا ٿيل صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون هيون. سرڪاري ٽيليويزن طرفان سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي پوسٽ ۾ ٻڌايو ويو هو ته ملاقات جي دوران آمريڪا جي پوليٽيڪل قونصلر زيڪ بارڪن رائيڊر ۽ طلال چوڌري به موجود هو. رپورٽ موجب ملاقات ۾ ڀارت جي حملي کان پوءِ پيدا ٿيل صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون.

بقايا 17

ڀارتي ريڙهاڪ جهازن تي فضا کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل هنيا. ڪيرايل ڀارتي جهازن مان هڪ فرانسيسي ٺهيل رافيل جهاز هو. ڀارت خلاف ڪارروائي ۾ آمريڪي ايف 16 جهاز استعمال نه ڪيا ويا.

بقايا 18

قدم کنيا وڃن. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي ٿي. سنڌ هاءِ ڪورٽ آءِ جي سنڌ، گهرو کاتي سنڌ ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪندي ڌرين کان ٻن هفتن اندر جواب طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا 19

خاص طور تي ڪشمير هڪ نيوڪليئر فليش پوائنٽ طور سڃاتو وڃي ٿو جڏهن ته برطانوي اخبار ڪشمير کي جغرافيائي سياسي فالٽ لائين قرار ڏنو آهي. پاڪستان هڪ ذميوار ايٽمي رياست طور واضح موقف رکي ٿو. ترڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي عاصم افتخار چيو ته 6 ۽ 7 مئي جي رات ڀارت اسان تي حملو ڪيو. ڀارتي حملي کان پوءِ اسان جيڪي به قدم کنيا، هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جيڪي قدم کنيا آهي جوابي ڪارروائيون هيون. جڏهن ته پاڪستان اڃا تائين گڏيل قومن جي چارٽر جي آرٽيڪل 51 تحت جواب ڏيڻ جو حق استعمال نه ڪيو آهي.

بقايا 20

ايتري سنگين ٿي وئي جو رانديگر هڪٻئي جي بسن ۾ سوار ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا رپورٽ موجب، ڀارتي اسٽيڊيم ۾ ڌرمشالا ۾ ميچ ختم ڪرڻ جي اعلان کانپوءِ افراتفري واري صورتحال جنم ورتو. ميڊيا رپورٽن موجب، رانديگرن کي ترت بس ۾ وڃڻ جي هدايت ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ ڪرڪيٽر هڪٻئي جي بسن ۾ سوار ٿي هوٽل پهتا. واضح رهي ته آءِ پي ايل ۾ پنجاب ڪنگز ۽ دهلي ڪيپيٽلز وچ ۾ ميچ جاري هئي. جيڪا انگز جي 11 هين اوور کانپوءِ ختم ڪئي وئي. ميچ ختم ڪرڻ جو ڪارڻ فلڊ لائيٽس جي خرابي قرار ڏنو ويو پر چيئرليڊرز جي وڊيو ڀارتي ڪوڙ وائکو ڪري ڇڏيو.

بقايا 21

وطن جو دفاع چڱي طرح ڄاڻون ٿا. هڪ پوڊ ڪاسٽ ۾ ڳالهائيندي نبيل ظفر هندستاني جنگي جنونين ۽ انتهاپسندن کي آئينو ڏيکاريو ۽ خطي ۾ امن جي اهميت تي زور ڏنو. هن چيو ته جڏهن جنگ ٿيندي آهي ته انسانيت هارائي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن معاملو وڌيڪ خراب ٿيندو ته سرحد جي ٻنهي پاسن تي بيگناهه ماڻهو مري ويندا. اداڪار وڌيڪ چيو ته سوين سالن جي ويڙهه کان پوءِ يورپ سمجهي ويو ته جنگ مسئلن جو حل ناهي. هندستان کي به اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي. هر ڀيري اليڪشن ايندي ئي پنهنجي ئي ماڻهن تي اهڙا حملا ڇو ٿيندا آهن؟ هندستاني ماڻهن کي سوچڻ گهرجي. نبيل ظفر هندستان کي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جنگ لڳي ته پاڪستان جي 250 ملين ماڻهن مان هر هڪ سپاهي هوندو. اسان پنهنجي وطن جو چڱيءَ طرح دفاع ڪرڻ ڄاڻون ٿا.

بقايا 22

امارات منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پي ايس ايل کي يو اي اي منتقل ڪرڻ جي تصديق ڪندي چيو آهي ته ايونٽ جا باقي 8 ميچ گڏيل عرب امارات منتقل ڪيا پيا وڃن. پي سي بي موجب، انهن 8 ميچن کي ٻيهر شيڊول ڪيو ويندو ۽ انهن جي نئين تاريخن جو اعلان جلد ڪيو ويندو. ذريعن موجب پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ جي ڪري پي ايس ايل 10 جا باقي ميچ دبئي ۾ ٿيندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته پرڏيهي رانديگر پهرين دستياب پروازن تي دبئي لاءِ روانا ٿيندا. جنهن جي نتيجي ۾ ليگ شيڊول ۾ 6 - 7 ڏينهن جي دير ٿي سگهي ٿي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ هن مهيني ليگ مڪمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 23

سياسي جماعتن جي ميمبرن برطانيه تي زور ڀريو ته هو خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. برطانيا جي پرڏيهي وزير هيملش فالڪنر هائوس آف ڪامنز کي آگاهه ڪيو ته برطانيا مسلسل ٻنهي ملڪن کي تحمل جي تلقين ڪندو رهيو آهي. هيملش فالڪنر زور ڀريو ته انڊيا ۽ پاڪستان کي ڳالهين ذريعي فوري ۽ سفارتي حل ڳولڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته "عام شهرين جي زندگين جو ضايع ٿيڻ انتهائي ڏکوئيندڙ آهي. جيڪڏهن صورتحال وڌيڪ خراب ٿي ته اهو ڪنهن جي به حق ۾ نه ٿيندو". برطانوي وزير واضح ڪيو ته ٻنهي ڌرين کي هاڻ اهڙن قدمن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي جيڪي علائقائي استحڪام جي بحالي ۽ عام شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻائين. هن اها به خاطري ڪرائي ته برطانيا ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ سفارتي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو.

بقايا 24

سي بي) جي چيئرمين محسن نقوي چيو آهي ته ڀارت پي ايس ايل کي متاثر ڪرڻ لاءِ راولپنڊي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم کي نشانو بڻايو جيڪا انتهائي غير ذميوارانه حرڪت آهي. هڪ بيان ۾ محسن نقوي چيو ته پي سي بي هميشه راند ۽ سياست کي ڌار رکڻ واري اصول تي قائم آهي. پر ڀارت طرفان اهڙي حرڪت واضح طور تي پاڪستان سپر ليگ ۾ خلل وجهڻ لاءِ ڪئي وئي. هن چيو ته پي ايس ايل جون رهيل ميچون دبئي ۾ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڇو ته پرڏيهي رانديگر اسان جا مهمان آهن ۽ سندن ذهني سڪون کي ترجيح ڏني پئي وڃي. محسن نقوي وڌيڪ چيو ته پي سي بي پاڪستان سپر ليگ مڪمل ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ هر ممڪن قدم کڻي رهيو آهي ته جيئن ليگ محفوظ ۽ ڪامياب بڻجي.

بقايا 25

وسڪاري جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. موسميات کاتي موجب، اڄ شهر جو گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 28 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته وڌ ۾ وڌ گرمي پد 35 کان 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان آهي. شهر ۾ اوڀر کان اٽڪل 6 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون گهلي رهيون آهن جڏهن ته هوا ۾ گهم جو تناسب 72 سيڪڙو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. موسميات کاتي موجب، ڪراچي جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڪٿي ڪٿي آنڌاري ۽ گجگوڙ ۽ ڪنوڻ سان گڏ برسات جو امڪان پڻ آهي.

بقايا 26

جي اڳواڻن کان جنگبندي ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته "مان پاڪستان ۽ ڀارت جي وزيراعظمن کي اپيل ڪريان ٿي ته هو حملا بند ڪن، فون تي رابطو ۽ تڪرار جو سياسي حل ڪڍن" محبوبه مفتي چيو ته فوجي ڪارروايون ڪنهن به بنيادي مسئلي جو حل نه آهن. جنهن سان ڪڏهن مسئلا حل ٿيندا نه امن ايندو. هن وڌيڪ چيو ته "ڀارت کي پلواما حملي جي جواب ۾ بالاڪوٽ حملي مان ڇا حاصل ٿيو؟ تنهنڪري ٻنهي ملڪن کي فوجي مداخلت بدران سياسي مداخلت جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي."

بقايا 27

بزرگ پورهيت تي ڪيل تشدد جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ کان پوءِ انتظاميا حرڪت ۾ اچي وئي. واقعو 7 مئي تي صدر ۾ سي آءِ اي سينٽر جي ويجهو پيش آيو جتي گشتي ڊيوٽي تي موجود سب انسپيڪٽر نديم، ڪانسٽيبل عامر ۽ ڊرائيور ڪانسٽيبل سرفراز بزرگ شهري محمد شعيب کي تشدد جو نشانو بڻايو. ڊي آءِ جي ڏکڻ سيد اسد رضا موجب، وڊيو وائرل ٿيڻ کان پوءِ اعليٰ پوليس آفيسرن واقعي جو نوٽيس ورتو ۽ فوري طور تي ٽنهي اهلڪارن کي معطل ڪري لاڪپ ڪيو ويو. سندن خلاف ڀتو وٺڻ، ڌمڪيون ڏيڻ ۽ زخمي ڪرڻ جي شقن هيٺ ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي. متاثر بزرگ شهري محمد شعيب مطابق پوليس اهلڪار موبائيل ۾ اچي 100 رپيا گهريا، ڏيڻ کان انڪار تي هو ڪاوڙجي پيا ۽ مارڪٽ ڪئي.

بقايا 28

کي ڪيٿولڪ مسيحين جو نئون روحاني اڳواڻ چونڊيو ويو. هو پوپ ليئو 14 هين جي نالي سان سڃاتو ويندو. 69 ورهين جو ووسٽ 2023 ۾ ڪارڊينل بڻيو هو ان کان اڳ 2015 کان 2023 تائين پيرو ۾ بشپ طور ذميواريون نڀايون. هو ڪيٿولڪ تاريخ جو 267 هين ۽ آمريڪا جو پهريون پوپ بڻيو آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کيس مبارڪباد ڏيندي چيو ته آمريڪي پوپ چونڊجڻ تي فخر آهي ۽ پوپ ليئو سان جلد ملاقات جي خواهش ظاهر ڪئي.

بقايا 29

ڀارت ڇڏڻ لاءِ اڏامن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي. آسٽريلوي ميڊيا موجب، ڪينگرو ڪرڪيٽر اڄ يا سڀاڻي ڏيهه واپس وڃڻ جا خواهشمند آهن. ڪجهه آسٽريلوي ڪرڪيٽر ڇنڇر تي پنهنجي وطن روانا ٿيندا. آسٽريلوي ميڊيا جو چوڻ آهي ته ڌرمشالا ۾ ميچ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ آسٽريلوي ڪرڪيٽرن کي ڳڻتي ورائي وئي آهي. آءِ پي ايل ۾ 15 آسٽريلوي رانديگر شامل آهن ان ڪانسواءِ رکي پونٽنگ ۽ جسٽن لينگر آءِ پي ايل ۾ ڪوچنگ جون ذميواريون نڀائي رهيا آهن.

بقايا 30

صدر امير آزاد پنهور ۽ رام ڪولهي وڪيل جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو. آجياڻي کي خطاب ڪندي امير آزاد پنهور چيو ته فطرت ۽ تاريخ هر ماڻهو کان پنهنجو پنهنجو ڪم وٺندي آهي. اسان جي جدوجهد جو بنياد اسان جي وڏن رکيو انهي جدوجهد جو اسان تسلسل آهيون. ڪراچي بار جي صدر عامر وڙائچ چيو ته امير پائي ڌرڙو هنيو آهي. اسان ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيون. پهرين پيرو سنڌي هڪ قوم طور تي گڏ ٿي هئي، سنڌ ٻيهر لوڪ ڌرتي ۾ نروار ٿي اڀري آهي. هن جدوجهد ۾ سنڌ جي ماڻهن مان خوف ختم ڪيو آهي. اسان اها سنڌ ڏسڻ چاهيون ٿا جنهن ۾ سنڌ جي جيالي جو حل هجي. صحافي غفور چانڊيو چيو ته اسان کي قلم ڏٿين قدر ڪندي عزت ڏني آهي. بدين جي صحافين پاڻي ڪوٽ ۽ ڪينالن نامنظور تحريڪ ۾ پاڻ نڀايو. هن چيو ته پهريون پيرو سنڌ جو ماڻهو ڌرتي ۽ پاڻي بچائڻ لاءِ نڪتو. ايوان صحافت بدين جي صدر حاجي خالد محمود گهمڻ چيو ته امير آزاد پنهور وڪيلن جو اڳواڻ به آهي ته قومپرست اڳواڻ به آهي. وڪيلن کي به سلام آهي. پاڻي جي جيالي واري جنگ جو امير آزاد هيرو آهي. ايوان صحافت پاران آجياڻي تقرير ۾ محمد هارون ڳوپانگ چيو ته امير آزاد نوجوانن جي قيادت ڪري سنڌ کي جاڳايو. ان نوجوان اڳواڻ جي آجيان ڪرڻ اسان تي فرض ٿئي ٿو. سينيئر صحافي ۽ ليکڪ ظهير حسين حيدري چيو ته ڪي فرد پنهنجي ڪردار ۽ ڪم جي ڪري ادارا ۽ انجمن آهن. سنڌ جاڳي پئي آهي ان کي جاڳائڻ لاءِ امير آزاد جو وڏو ڪردار آهي. اسان امير آزاد کي سلام ڪريون ٿا. سينيئر صحافي مصطفيٰ اختر علي ڪوسو ڳالهائيندي چيو ته امير آزاد درياءَ بچايو تحريڪ جي سرواڻي ڪندڙ اهو نوجوان آهي جنهن تي سنڌ کي ناز آهي. شفيع محمد جوڻيجو علي محمد شاهاڻي، پريس ڪلب جي صدر شوڪت ميمڻ عبدالغفور چانڊيو چيو ته امير آزاد جا حوصلا جبلن کان مٿي آهن.

بقايا 31

خلاف اٿي هنيل ڌرڻي ۾ شريڪ ٿيو جنهن جي ڏوهه ۾ بدنام زمانه ايس ايڇ او اسٽيل ٽائون علي عباسي ڪيس گرفتار ڪري گم ڪيو ان بعد جڙتو پوليس مقابلي ۾ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو هي ماوراءِ عدالت قتل آهي هي دهشتگردي آهي جنهن جي مذمت ڪريون ٿا. سنڌ جي ماڻهن کي سياسي مزاحمت ڪرڻ جي سزا ڏني پئي وڃي اڄ جڏهن سنڌ سراپا آواز بڻي آهي تڏهن پوليس گردي جي ذريعي ماڻهن کي جهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هي پيپلز پارٽي حڪومت جي خاص هدايتن تي سنڌ ۾ ٻاڪرڪلو مچايو ويو آهي. ان ايس ايڇ او علي عباسي ڪجهه وقت پهريان گهگهر ڦاٽڪ تي ڪئنال رٽا جي خلاف وڪيلن ڌرڻو هنيو ان کان پوءِ رياستي حڪم تي پوليس بي قابو ٿي سنڌي ماڻهن کي مارڻ شروع ڪيو آهي مذڪورا ايس ايڇ او موبائيل ساڙڻ جي هٿ ٺوڪي واقعي ۾ درجن کن ماڻهن کي هاف فراءِ ڪري چڪو آهي پر سنڌ حڪومت آئي جي توڙي سنڌ هاءِ ڪورٽ ان انساني حقن جي بدترين لتاڙ جو نوٽيس ناهي ورتو سنڌ جي ويري ايس ايڇ او علي عباسي وري هڪ ماءُ جي جهولي اجاڙي ڇڏي پر عدالتون خاموش آهن

بقايا 32

معلوم نه ٿي سگهيو تفصيل موجب اوباوڙو ويجهو رحيم يار خان ۾ اسپيشل برانچ جي ڊي ايس پي سيف الله ڪورائي قتل يا خودڪشي جو موت ڳجهارت بڻيل رحيميار خان جي اسپيشل برانچ جي هيڊ ڊي ايس پي سيف الله ڪورائي پاڻ مٿان مبينا طور تي پسٽل جا فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي فائرنگ جو آواز ٻڌي فوتي جو گن مين عرفان واقعي واري هنڌ ڪمري ۾ پهچي ڊي ايس پي کي موقعي تي فوت ٿيل ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو جتي پوليس جي وڏي نفري پهچي فوتي جو لاش ڪڍائي رحيميارخان اسپتال پهچايو جتي لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو هوڏانهن آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو رحيميارخان پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي اصل حقيقت جلد سامهون اچي ويندي

بقايا 33

ڀارت ڇڪتاڻ دوران ڀارتين جي رويي تي پنهنجا ويچار ونڊيا. هن ڀارتي اداڪارا ڪاجول جي پوسٽ جنهن ۾ هن پنهنجي فوج سان اظهار تشڪر جو اظهار ڪيو هيو کي ري ٽوئيٽ ڪندي سڀني ڀارتين تي چوٽ هنئي. فاطمه ڀٽو مطابق هي ته اهي خوشيون ملهائي رهيا آهن جيئن ڪو فٽ بال ميچ ٿي رهيو هجي. هي سڀ ناقابل تفريق ٽوئيٽس وسيلي جنگ تي خوشي ملهائي رهيا آهن ڄڻ جنگ موت يا تباهي نه پر ڪا ميچ هجي

سنڌ جي زراعت تاريخ جي نظر ۾...!!

سنڌ جي واپاري وکر ۾ ناريل، بکر جو ڪاٺ، بيد، سون، خوشبودار شيون ۽ مصالحا جهڙوڪ: ڪافور، عود، لونگ، جائفل، دالچيني وغيره عرب تاجر وٺي ويندا هئا. ان کانسواءِ ڪمند، ڪيلو، نارنگي، ليمو ۽ بيون شيون هتان ٽين صديءَ ۾ عرب ڏانهن ويون. مسعودي سنڌ حڪومت جي بن شهرن ملتان ۽ منصوره جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. هن منصوره لاءِ لکيو آهي ته اهو سنڌو نديءَ جي ڪناري تي آباد هو جيڪو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو جنهن جي ضابطي هيٺ ٽي لک ڳوٺ ۽ شهر آهن "هتان جي زمينن کي تمام زرخيز، سرسبز چيو اٿس هن پهريون ڀيرو هاٿي منصوره ۾ ڏٺا. سنڌ جي ٻوليءَ بابت مسعوديءَ لکيو آهي ته "سنڌ جي هڪ خاص ٻولي آهي، جيڪا هندستان کان الڳ آهي." "هو سنڌ جا مور عراق وٺي وڃڻ جي ڳالهه به ڪري ٿو جن جي اتي افزائش ڪئي وئي. سنڌين جي هنري ۽ علمي قابليت بابت لکي ٿو ته "هنن فن ۽ عمارت سازيءَ ۾ ترقي ڪئي ۽ نجوم ۽ حساب جي علم ۾ به وڏو واڌارو ڪيو بادشاهه 'برهمن' حڪيم ۽ فيلسوف گذري ويا جن 'سنڌ هند' (Sindhind) نالي هڪ ڪتاب لکيو جنهن جي روشنيءَ ۾ بيا ڪتاب به لکيا ويا" ائين المسعوديءَ پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ جو ڪجهه حصو محفوظ ڪري ڇڏيو آهي هن 957ع ۾ فسطاط ۾ وفات ڪئي. اليعقوبي: احمد بن ابي يعقوب بن جعفر وهب بن واضح اليعقوبي ٽائين صديءَ جو هڪ مؤرخ ۽ جاگرافيدان 873ع ڌاري آرمينيا ۽ خراسان ۾ رهيو طاهري دربار سان وابسته رهيو عباسي سلطنت ۾ انشاءَ جي آفيس جو عملدار هو جنهن سڄي دنيا جي تاريخ پهريون ڀيرو عربيءَ ۾ لکي. جنهن ۾ مسلمانن جي فتوحات جو به ذڪر آهي انهيءَ حوالي سان تاريخ ۾ سنڌ تي عربن جي ڪيل حملن جو به ذڪر آهي. سندس ڪتاب جو نالو 'ڪتاب التاريخ' جنهن کي 'تاريخ اليعقوبي' به سڏيو وڃي ٿو جيڪو 1883ع ۾ بن جلدن ۾ لنڊن مان ڇپيو هن ڪتاب ۾ هند ۽ سنڌ جي انهن ڪتابن جو ذڪر به آهي جيڪي هند ۽ سنڌ جي عالمن جا هئا ۽ پوءِ عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا. سندس بيا ڪتاب آهن: 'تاريخ ابن واضح' ۽ 'ڪتاب البلدان' (ملڪن جو ڪتاب). هي پهريون سياح هو جنهن هند ۽ سنڌ جي فلسفي، حڪمت، طب، ادب ۽ علم نجوم بابت تفصيل سان لکيو آهي هو لکي ٿو ته "هند ۽ سنڌ جا ماڻهو عقل وارا، سوچ ويچار جا ڪوڏيا آهن. جنهن ڳالهه ۾ قومن ۾ اڳرا آهن. جوتش ۽ نجوم ۾ سنڌن ڳالهيون سڀ کان وڌيڪ صحيح ٿيون نڪرن 'سڌانت' (علم هيئت بابت ڪتاب جنهن جو البيرونيءَ به ذڪر ڪيو آهي) سنڌن ڏاهپ جو نتيجو آهي جنهن مان يونانين ۽ ايرانين به فائدو ورتو آهي طب ۾ سنڌن ڄاڻ سڀني کان وڌيڪ آهي. طب، منطق ۽ فلسفي ۾ سنڌن ڪيترين ئي لکيون آهن هنن بيا به ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن هو لکي ٿو ته "سندباد جهازيءَ جا ڪتاب به هتان جي رهاڪن جا لکيل آهن. اليعقوبيءَ سنڌ جي شهرن جو به ذڪر ڪيو آهي جن مان 'منصوره' بابت لکي ٿو ته هتان جون جايون ڪاٺ سان ٺهيل آهن ۽ جامع مسجد پڪ سرن جي ٺهيل آهي، ان جي پرسان حمام ۽ مسافرخانو به ٺهيل هو منصوره جي شاهي بازار ڊگهي ۽ ڪشادي هئي. شهر جي چوڌاري وڏي پٽ ڏنل هئي جنهن جا چار دروازا هئا. جيڪي دشمن جي حملي وقت بند ڪيا ويندا هئا. سنڌ ۾ سون ۽ معدنيات ۽ ساڳ جي ڪاٺي تمام گهڻي ٿيندي هئي هن اهو به لکيو آهي ته هتي ڪن هنڌن تي عورتن جي به حڪومت آهي" اليعقوبيءَ 8-897ع ۾ مصر ۾ وفات ڪئي. اليگزينڊر برنس (Sir Alexander Burnes): اسڪاٽش ڪوجناڪار ۽ سنڌ جو هيءُ تذڪره نگار 16 مئي 1805ع تي انگلنڊ ۾ ڄائو پهرين ملازمت ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ ڪيائين جن 1823ع ۾ ڪيس سورت بندر موڪليو 1825ع ۾ سنڌ جي (ان وقت) علائقي ڪڇ ۾ آيو ۽ 1830ع ۾ راجا رنجيت سنگهه جي دربار ۾ پنجاب ويو بعد ۾ ڪيس سنڌ جي ايراضيءَ جي اپياس ۽ تحقيق لاءِ مقرر ڪيو ويو هن هنديءَ ۽ فارسي زبانون سکيون برنس پهرين 1829ع ۾ سنڌ ۽ ماڙيءَ جي مهم لاءِ رٿ پيش ڪئي پر ڪيس لاهور وڃڻو پيو سبب اهو ڄاڻايو ويو ته بادشاهه وليم چوٿين مهاراجا رنجيت سنگهه لاءِ گهوڙا سوکڙيءَ طور موڪليا آهن اهي زميني رستي جي سختي سکهي نه سگهندا. ان ڪري ڪين سنڌو درياهه جي رستي اوڏانهن وٺي وڃڻو هو پر دراصل ان بهاني هنن کي لکجوريءَ ۾ سنڌو درياهه جو سروي ڪرڻو هو. جيڪو هن پورو ڪيو سندس ان حوالي سان ڇپيل ڪتاب 1834ع ۾ ڇپيو جنهن هن کي وڏي شهرت ۽ عهدا ڏيارايا ۽ 1835ع ۾ ڪيس سنڌ جي دربار ۾ سنڌو درياهه جي رستن جي جانچ ڪرڻ لاءِ معاهدو ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو افغانستان ۾ شاهه شجاع جي حڪومت جي بحالي 1839ع ۾ ٿي ان وقت برنس اتي پوليٽيڪل ايجنٽ طور خدمتون سرانجام ڏنيون. ڏان جو 1841ع ۾ ڪيس اتي قتل ڪيو ويو چيو وڃي ٿو ته قتل ۾ انهن افغان عورتن جي پيارن ۽ مڙسن جو هٿ هو جن سان اليگزينڊر برنس زنا ڪئي هئي هڪ ڏينهن هن جي گهر کي باهه ڏني وئي ۽ هو فارسي ٻوليءَ جي مهارت سبب پاڻ کي افغان ظاهر ڪري گهران نڪتو ته هجوم چرڻ سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيس ساڻس گڏ سندس ڀاءُ جو به ساڳيو حشر ٿيو اليگزينڊر برنس جي ڪتابن مان ان دور ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي ڄاڻ ملي ٿي سنڌ جي احوال ۾ هن شڪارپور جي شاهوڪاريءَ ۽ آسودگيءَ بابت لکيو آهي جتي هن ڪامياب بينڪر/ صراف ڏٺا. ڏيتي ليتيءَ جا وڏا ادارا ڏٺا جن جا گماشتا پري پري تائين واپار لاءِ ويندا هئا. سنڌ جي ٻين شهرن کان هتي سستائي هئي سنڌ جي تجارتي مال بابت لکي ٿو ته "سنڌ جي مال جو دهليءَ جي شهنشاهن جي دور ۾ گهڻو مان هوندو هو جڏهن سنڌ ۾ نادرشاهه داخل ٿيو ان وقت سنڌ جو واپار عروج تي هو" هن ان وقت جي سنڌ جي ڪل آدمشماري به لک لکي آهي اليگزينڊر هيملٽن: (Alexander Hamilton) اسڪاٽ لينڊ جو سيلاني سوداگر ۽ بحري ڪپتان جنهن جي سفرنامي 'نيو اڪائونٽ آف ايسٽ انڊيز' ۾ مغل دور واري سنڌ جو ذڪر آهي. هن ٿوري وقت لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ به ملازمت ڪئي هئي ۽ پوءِ سورت بندر تي پنهنجو ڪاروبار به ڪيائين هو سنڌ ۾ تجارت جي مقصد سان 1669ع ۾ مالابار کان آيو هو ۽ ٺٽي جي نواب حفيظ الله خان ساڻس ملاقات ڪئي ۽ مهماني ڪئي هيملٽن موٽ ۾ ڪيس هڪ آرسي، بندوق، ۽ پستول ۽ هڪ ڪٽ ۽ خنجر تحفي طور ڏنا هيملٽن انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي آزار بابت لکيو آهي ته "ملڪ ۾ چوطرف ڌاڙيلن جا ٽولا تجارتي قافلن جي تلاش ڪندي گهمندا وتندا هئا. مغل عملدار رستن کي سلامت رکڻ کان قاصر هئا. انگلنڊ، فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ به ساڳي حالت هئي. لاهري بندر جي الهندي ڪپ تي سڪراني بلوچن جو راڄ هو ۽ ايرندي ۾ ڪڪراڻي جي جامن رڻ ٻاري ڏنو هو... هر قافلي جي بچاءَ لاءِ سؤ يا ٻن سؤ سپاهين جي ضرورت هوندي هئي" "لاهري بندر بابت لکيو اٿس ته "ان زماني ۾ لاهري بندر ۾ هڪ سؤ ڪاٺ ۽ مٽيءَ جا جڙيل گهر هئا. شهر جي وچ تي هڪڙو پٿر جو قلعو هو. ، جنهن تي بلوچن جي ڪاهن کي روڪڻ لاءِ توپون رکيل هيون ٺٽو لاهري بندر کان چاليهه ميل پري هو "ٺٽي لاءِ لکيو اٿس ته "هيءُ شهر ملڪ جي مارڪيٽ آهي ۽ تمام وڏو ۽ آسودو شهر آهي. اٽڪل ٽي ميل ڊگهو ۽ ٽي ميل ويڪرو آهي هيءُ شهر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. مذهبيات، علم لغت ۽ علم سياست جي ڪري سڄيءَ دنيا ۾ مشهور آهي. منجهس چار سؤ کان به مٿي ڪاليج آهن. جن ۾ نوجوانن کي علمن جي تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي ٿي ٺٽي ۾ هڪڙو قلعو آهي. جنهن ۾ نواب جو محل آهي. جنهن ۾ پنج هزار لشڪر به رهندو آهي"

هتان جي اپت جي باري ۾ لکي ٿو ته "ٺٽي ۾ تازا ميوا جام هئا هتي هڪ رويٽي جا سڻ صوف ۽ ڪامنڊا هئا. خاص ڪري هتي ڏاڙهون ڏاڍا بهترين ملندا هئا. هت بهترين قسم جو سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙو ٺهندو هو. سوٽي ڪپڙو سادي ڊزائين سان ڏاڍي لساٽيءَ سان اٿيل هوندو هو ۽ سنڌن جوڙيون ته رڳو نرم ۽ نفيس هيون پر بين هنڌن جي جوڙين کان وڌيڪ جٽادار به هيون هتي ڪپڙن تي پرت به سلو پر پو وڃي ٿو منهنجي اچڻ کان ڪي سال اڳ هتي هڪ اهڙي پليگ پئي هئي، جنهن ٺٽي جي شهر ۽ ان جي پسگرداٽيءَ تي ايڏو ته اثر ڪيو جو ڳوٺ ٺٽي جي شهر جا اسي هزار ڪاريگر مري ويا ۽ اڌ کان مٿي شهر ويران ۽ خالي ٿي ويو" هيملٽن سنڌ جي چوپائي مال جو به ذڪر ڪيو آهي ته مڇيءَ جو به، هن پلي جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي هنرن مان جنڊيءَ جي هنر جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته "سنڌي عاليشان قسم جا ڪٽ، ڪاٺ جون ٿالهيون ۽ جنڊيءَ جون ميزون تيار ڪن ٿا. ڪٽن تي عاج جو ڪم ٿيل هوندو آهي ژالن ۾ به عاج جا زيور پائڻ جو شوق آهي هو ڪلهن کان ڏونئرن تائين ۽ ڏونئرن کان ڪرائين تائين عاج جون ٻانهيون ٻنهي ٻانهن ۾ پائين ٿيون " هو سنڌ جي ماڻهن کي آسودو سڏي ٿو جن کان ڏهن ڏکر ڪونه ڏٺو ايڊورڊ آرچر لنگلي (Edward Archer Langly): هي خيرپور رياست ۾ مير علي مراد خان اول جي دربار ۾ اهم عهدي تي فائز هو اتي رهڻ دوران روزانو پيش ايندڙ واقعن پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن بابت لکندو رهيو جنهن کي لنڊن مان 1960ع ۾ ڇپرايو ويو جن مان هڪ هو: Narrative of Residence at the Court of Mir Ali Moorad. هن ڪتاب جا ٻه جلد 2005ع ۾ پاڪستان ۾ به ڇپيا آهن لنگلي جا مشاهدا ۽ تجربا سندس ذاتي جذبن سبب ڪٿي هاڪاري ته ڪٿي ناڪاري محسوس ٿين ٿا. هن اڪثر انگريز آفيسرن جيان سنڌ تي انگريزن جي قبضي کي درست سمجهيو ۽ سنڌين کي سست ۽ ڪاهل قرار ڏنو هن ڪتاب ۾ ڪراچيءَ جي تجارتي اهميت ڏيندي لکيو آهي ته مستقبل ۾ ڪراچي ايشيا لاءِ تجارتي مرڪز ٿي سگهي ٿو حيدرآباد ۽ ڪوٽڙيءَ جي ريلوي لائين بابت لکيائين، سنڌ جي واپاري تاريخ سيوهڻ جي تهذيبي تاريخ، سنڌ جي آبهوا منڇر ڍنڍ جي سونهن، سکر شهر جو احوال وغيره ان ڪتاب ۾ شامل آهن ان کانسواءِ سر بارٽل فريئر جي ڪمشنريءَ واري دور ۾ پوليس جو نظام، شڪارپور جي تاريخ، تجارت ۽ خيرپور ۽ ميرن جي باري ۾ پڻ حڪومتي ڪاروهنوار ۽ بين پهلوئن تي لکيو اٿس ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ سنڌ جي چوپائي مال، خيرپور جي روينيو نظام دل جو طريقي ماپ تور جو اهتمام ۽ مثالن سان پيش ڪيا اٿس هن سنڌ جي موسيقيءَ جي سازن تي به لکيو آهي هن ڪتاب ۾ لنگلي سنڌ جي ڪيترين شخصيتن شهرن ۽ جانورن جون تصويرون به ڏنيون آهن ايسٽوڪ ايڊورڊ بيڪ هائوس: سنڌ جي هن تذڪري نگار 16 جولاءِ 1814ع تي هڪ اينگلو انڊين گهراڻي ۾ جنم ورتو آڪسفورڊ جي ڪاليجن مان تعليم حاصل ڪيائين 1836ع ۾ انڊين آرميءَ جي بمبئي انفينٽريءَ ۾ ملازمت مليس. پر ٻولين سان دلچسپي هئڻ سبب جلد ئي ڪيس سياسي عهدو ڏنو ويو 1843ع ۾ هن هڪ ڪتاب 'Kessahi Sanjan' نالي ترجمو ڪيو جيڪو هندستان ۾ پارسين جي اچڻ جي تاريخ بابت هو ۽ زرتشت جي زندگيءَ تي هڪ ڪتاب لکڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ لفظي فهرست (Vocabulary) ۽ ڪجهه بيا ڪتاب لکيا. هن ڪجهه وقت جرمنيءَ ۾ رهي جرمن ٻولي سکي باپ (Bopp) جو گرامر ترجمو ڪيو ان کانسواءِ ڪيس 1845ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪاليج ۾ 'هندستاني' ٻوليءَ جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو جتي ٻن سالن کان پوءِ هن هندستاني گرامر تيار ڪيو ۽ لفظي فهرست به ڏاهي ان ڪانپوءِ 'سعديءَ جي گلستان' جو ترجمي (منظوم ۽ نثري) سان نئون ايڊيشن مرتب ڪيائين. بيا هندستاني ڪتاب جيڪي هن ترجمو ڪيا تن ۾ 'باغ وبهار' 'انوار سهيلي' وغيره شامل آهن ايسٽوڪ سنڌ ۾ ٽي سال رهيو ۽ ايمانداريءَ سان هتان جا احوال پنهنجي هڪ ڪتاب A Glance at Sind Before Napier or Dry Leaves from Young Egypt (1844) ۾ لکيو جنهن جو سنڌي ترجمو محترم حنيف صديقيءَ ڪيو جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ 1973ع ۾ ڇپرايو هن ڪتاب ۾ هن ميرن جي دور ۾ سنڌي ماڻهن جي حالت کي بهتر سڏيو آهي هن لکيو ته "ميرن جي وقت ۾ سنڌ جدا جدا پرڳڻن يا حصن ۾ ورهايل هئي جيڪي وري ٽپن ۽ ضلعن ۾ ورهايل هئا. هر هڪ پرڳڻي تي هڪ سزا. وال مقرر ڪيل هو جنهن کي هڪ خزانچي ۽ ان ڌهن گماشتن ۽ سپاهين جي مدد ڏني ويندي هئي تپي تي وري ڪاردار رکيل هو جنهن کي پڻ زيردستن جو هڪ ننڍو عملو ڏنل هو." "سنڌ جي معاشي صورتحال جو اندازو ايسٽوڪ جي هن احوال مان لڳائي ٿو سگهجي: "سنڌ ۾ ڇٽن پئسن ۾ هڪ ڪڪڙ ملي ٿي ڪٽڪ ريٽي ۾ اٺ پائيون وڪامي ٿي، جيڪا چاليهن پئسن جي تور ۾ سونهن سير آهي.. "هتي پلو جام ٿئي ٿو پر بي سوادي سچي گهٽ آهي... شڪارپور جي پرسان ڪيترن ئي ميلن ۾ جوئر جو فصل بيٺو هو دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ اهو فصل ايڏي قد جو نه ٿيندو آهي ڏکر وڌائڻ ۾ ملڪ جي واپارين جو وڏو هٿ آهي. جيڪي سرڪار جي وقت ان خريد ڪري زمين جي هيٺان تهخانن ۾ وجهيو ڇڏين "ڪيپٽن ايسٽوڪ جو سنڌي گرامر ۽ لغت تي بنيادي ڪم به اهم آهي. هن ڪتاب ۾ هن انهن جو ذڪر ڪيو آهي. تاريخي حوالن سان ڏٺو وڃي ته ميرن جي دور ۾ هڪ ٻئي به ڪيپٽن ايسٽوڪ جو ذڪر آهي. جنهن جو پورو نالو وليم جوزف ايسٽوڪ (William Joseph Eastwick) هو هن جي جنوري 1844ع جي انڊيا هائوس ۾ ڪيل هڪ تقرير جو عنوان آهي: Speech of Captain William Eastwick on the Case of Ameers of Sindh، جنهن کي لنڊن مان ڇپايو ويو هو اهو ڪتاب انٽرنيٽ تي موجود آهي بزرگ بن شهريار: هيءُ هڪ عرب جهازران هو جيڪو عراق کان سنڌ هند جي بندرگاهن وچ ۾ ساموندي سفر ڪندو هو جنهن بابت هن پنهنجي سفرنامي 'عجائب الهند' ۾ احوال ڏنو آهي. سندس ڪتاب پهرين فرينچ ۾، پوءِ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپيو سنڌ جي حوالي سان هن لکيو آهي ته سنڌ درياهه ۾ اوڀاري ۾ دجله ۽ فرات وانگر گهڻو چاڙهه هوندو آهي هن پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف جي ترجمي جو به ذڪر ڪيو آهي هو لکي ٿو ته 720ع ۾ سنڌ جي هڪ هندو راجا مهروڪ بن رامڪ جيڪو اروڙ جو حاڪم هو تنهن منصوره جي امير عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز هباريءَ ڏانهن لکي موڪليو ته ڪنهن اهڙي شخص کي مون ڏانهن موڪليس جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ مون کي اسلام سيکاري. منصوره ۾ عراق جو هڪ مسلمان عالم هو جيڪو سنڌ ۾ پليو نپيو هو تنهنڪري سنڌ جون مختلف زبانون ڄاڻندو هو امير جي چوڻ سان هو تيار ٿيس هن راجا جي زبان ۾ هڪ قصيدو لکي راجا ڏانهن اماڻيس راجا اهو قصيدو پسند ڪيو ۽ سفر جو خرچ موڪلي گهرايائينس هو راجا جي دربار ۾ ٽي سال رهيو ۽ سندس خواهش مطابق هن قرآن شريف جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيس راجا روزانو ترجمو ٻڌندو هو ۽ بيحد متاثر ٿيندو هو.

... "عالمن جو خيال آهي ته سڄيءَ دنيا ۾ قرآن شريف جو اهو ئي پهريون ترجمو هو سنڌ بابت سندس قلم مان بيو احوال هتان جي چورن ۽ ڌاڙيلن جو ملي ٿو جيڪي دولتمند ماڻهن کي ڏيجاري ڪانڌن ڦرون ڪندا هئا. حالانڪ هتي چوريءَ کي وڏو جرم ليکيو ويندو هو بزرگ بن شهريار سنڌ جي واپار کي تمام نفعي وارو ۽ لاڀائتو سڏي ٿو جنهن سان ثابت ٿئي ٿو ته هتان جا ماڻهو واپار ڪري ڄاڻندا هئا. ان ڪري واپاري طبقو سکيو ستابو هو بن شهريار" بزرگ بن شهريار جو ڪتاب 'عجائب الهند' 1886ع ۾ لنڊن مان ڇپيو. بشاري المقدسي: شمس الدين ابو عبدالله محمد بن احمد: هي ڏهين صديءَ جو عرب جاگرافيدان ۽ سياح هو

جيڪو بيت المقدس ۾ ڄائو هن کي سير ۽ سفر جو شوق اڪثر مسلمان ملڪن ۾ وٺي ويو ۽ ويهن سالن تائين سياحت ڪيائين جنهن جا احوال پنهنجي هڪ ڪتاب 'احسن التقاسيم معرفة الاقاليم' ۾ لکيائين جيڪو سڀ کان پهرين 1877ع ۾ ڇپيو هن ڪتاب جو آخري باب سنڌ متعلق لکيل آهي جيڪو 14 صفحن تي مشتمل آهي هن ڪتاب ۾ سنڌ جو نقشو به ڏنو آهي بشاريءَ سنڌ ۽ ان سان مليل علائقن کي اقليم سڏيو آهي جيڪا ڇهن صوبن ۾ ورهايل اٿس جن ۾ مڪران طوران ۽ مرڪزي صوبو منصوره شامل آهن جتي سندس چوڻ مطابق عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون منصوره لاءِ لکي ٿو ته "هيءُ هڪ مستقل ۽ مرڪزي رياست آهي. اڳ سڄي اقليم سنڌ ان جي ماتحت هئي اهو سڀ کان وڏو شهر آهي هتي جون سجايون مٽيءَ ۽ ڪاٺ جون ٺهيل آهن هتان جي مسجد نهايت ڪشادي، سهڻي ۽ شاندار آهي منجهس ڪِٽ جي ڪاٺيءَ جا چٽيل ٿنڀا جڙيل آهن"

سنڌ جي هن شهر جي ماڻهن بابت لکي ٿو ته "هتان جا ماڻهو علم دوست، سمجهو باصروت، مسافرنواز ۽ دينددار آهن هي شهر علم ۽ واپار جو مرڪز آهي. هتي جون مينهون سهڻيون آهن ۽ کير گهڻو ڏينديون آهن. هتان جي هوا هلڪي آهي ۽ سيءُ گهٽ پوندو آهي"

ديبل شهر لاءِ لکي ٿو ته "ديبل هڪ وڏو رونق وارو بندرگاهه آهي. جنهن جي چوڌاري سون جي تعداد ۾ ننڍا وڏا ڳوٺ آهن هن بندرگاهه جي وڏي اپت آهي هتان جا ماڻهو خوش خوراڪ، خوش پوشاڪ ۽ خوش مزاج آهن اقليم سنڌ جو چوٿون صوبو 'ويهند' لکيو اٿس جيڪو منصوره کان به وڏو ساون باغن سان پريل هو جتان جا ماڻهو سکيا ستابا ۽ کاڌي پيتي جون شيون سستيون ٻڌايون اٿس سنڌ اقليم جو پنجون صوبو قنوج کي سڏيو اٿس ڇهون صوبو ملتان واپار جو وڏو مرڪز ڄاڻايو اٿس انهن صوبن جي ڌار ڌار احوال ڪانپوءِ لکي ٿو ته "سنڌ سون، دوائن، اوزارن، مصري ۽ ٻين سهڻين شين جو مرڪز آهي هتي چانور، ڪيلو ۽ ٻيون شيون ٿين ٿيون جن ۾ ڪجيون ۽ ڪاروڻ گهڻيون ٿين ٿيون عدل انصاف ۽ سياست به سنڌ ۾ گهڻي هلي ٿي" بشاريءَ سنڌي سمنڊ ۽ سنڌو درياهه جو ذڪر به ڪيو آهي. جيڪو وچ مان لنگهي ٿو جيڪو برڪت وارو ۽ فيض جو سرچشمو سمجهيو وڃي ٿو هو لکي ٿو ته اقليم سنڌ جا ماڻهو سڻڀ ۽ چلولياٿيندا آهن ۽ وار ڊگها رکندا آهن. ڪي شوقين ڪنن ۾ واليون به پائيندا آهن. مٽي جو لباس عام طرح پٽڪو آهي صنعتن جي حوالي سان هن فراسين، پٽراٿين ۽ غاليچن کان سواءِ عمدي ڪپڙي جو به ذڪر ڪيو آهي جيڪو باهر موڪليو ويندو هو منصوره مان ڪنياتي جتيون به باهر وينديون هيون بشاري المقدسيءَ سنڌ بابت تمام اهم معلومات ڏني آهي. سندس ڪتاب جو اردو ترجمو 'اسلامي دنيا دسوين عيسوي ميں' خورشيد فاروقيءَ ڪيو جيڪو 1962ع ۾ دهليءَ مان ڇپيو بشاري المقدسيءَ 956ع ۾ وفات ڪئي ٽي جي ڪارليس (T. G. Carless): هي انڊين نيويءَ جو آفيسر هو ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ ترقي ڪندو ڪمودور ٿيو سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ملازمت ڪيائين سکر ۾ سپرنٽينڊنٽ نيويگيشن رهيو ڪراچيءَ ۾ سرويئر جي عهدي تي ۽ حيدرآباد ۾ ڊرافٽ مين رهيو ۽ ڪيترائي نقشا ٺاهيائين هن ڪراچيءَ ۽ ان جي چوگرد علائقن بابت رپورٽون لکيون جن مان منگهي پير جي علائقي لسبيلي ۽ انڊس ڊيلٽا بابت رپورٽن کانسواءِ ڪراچي بندر جي واپار بابت پڻ رپورٽ لکي. ڪراچيءَ بابت رپورٽ ۾ هن ان جي بيهڪ، تجارت، آباديءَ جاگرافي ۽ فوجي اهميت تي روشني وڌي هن ان وقت ڪراچيءَ جي آبادي چوڏهن هزار لکي آهي. جنهن ۾ سنڌي هندو، بلوچ، لوڪائي، سوودان ۽ جت شامل هئا. هندو واپارين جو سڄيءَ سنڌ ۾ زبردست اثر هو ڇو ته حڪمران ڪراچي بندر مان واپاري سرگرمين سبب ملندڙ روينيو جي ڪري ائين ٿي چاهيو سندس ان رپورٽ جو عنوان: Memoirs of the Bay, Harbour and Trade of Karachi آهي جيڪا هن 1838ع ۾ بمبئي سرڪار وٽ جمع ڪرائي هئي جارج بوئسٽ (George Bouist): هي اينگلو انڊين صحافي هو جيڪو 1805ع ۾ فورفار شائر ۾ ڄائو 1846ع ۾ بامبئي ٽائيمس سان وابسته ٿيو ۽ سڄي عمر لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريائين سندس ڪالمن جو ڪتاب: Outline of Operation of the British Troops in Scinde and Afghanistan نالي ڇپيو جارج بوئسٽ سرچارلس نيپيئر جي سرواڻيءَ ۾ سنڌ ۾ ٿيندڙ آپريشن جو مخالف هو ۽ ان لاءِ اخبار ۾ ڪالم لکندو رهيو هي

بقايا 01

عبدالقادر اقبالاڻي جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن، استادن، شاگردن، ڊاڪٽرن، واپارين، سميت مختلف مڪتبه فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي ڪاڻون ڪميٽي کان شهيد بينظير چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي جڏهن ته واپارين مڪمل طور تي شهر بند ڪري ريلي ۾ شرڪت ڪئي ريلي ۾ ڀارتي جارحيت ۽ مودي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي پاڪ فوج جي حمايت ۾ پاڪ فوج سان محبت جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ڪاڻون چيئرمين هريش ڪمار ڏناڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالقادر اقبالاڻي، وائيس چيئرمين شهزاد ميمڻ، سماجي اڳواڻ محمد حسين خاصخيلي، تعليم کاتي جي محمد مٺل خاصخيلي، ايم ايس ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار ۽ بين ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جي فوج بزدل ڀارت خلاف منهن ٽوڙ جواب ڏئي رهي آهي پاڪ فوج سان سڄي ملڪ جي عوام گڏ آهي اسان پاڪ فوج سان هر موڙ تي گڏ آهيون مودي سرڪار جي جارحيت جو پاڪ فوج ڀرپور جواب ڏئي رهي آهي ڀارت هميشه پاڪستان ۽ پاڪ فوج خلاف پروپيگنڊا ڪري پنهنجي دهشتگرد چهري کي پوري دنيا اڳ وائکو ڪيو آهي اسان متحد ٿي ڀارت جي جارحيت جو مقابلو ڪري ڀارت کي شڪست ڏينداسين هنن چيو ته پاڪستان بين الاقوامي فورمن تي امن جي ڳالهه ڪئي آهي ڀارت کان پاڪستاني عوام جي وهايل خون جي ڦڙي ڦڙي جو حساب وٺنداسين اسان پاڪستان جي دفاع جو وچن ڪيون ٿا مودي سرڪار ۽ ڀارتي فوج کي منهن ٽوڙ جواب ڏينداسين اسان پاڪستان ۽ پاڪ فوج سان هر محاذ تي گڏ آهيون

بقايا 02

مصطفيٰ لغاري جي گهر واري محموده مصطفيٰ لغاري جي قومي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو سان ملاقات قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته هي جيڪا مودي جارحيت ڪئي آهي پاڪستان تي حملي اور ٿيو آهي هي پاڪستان تي حملو به هي انڊس سولائيزيشن تي حملو آهي، هي برصغير ۽ سائوٿ ايشيا تي حملو آهي ائين ڏيڻ اڙب ڀارت جي ماڻهن کان پڇڻ ٿو چاهيان ته پاڪستان تي حملو ڪرڻ لاءِ اوهان مودي جهڙي هڪ فاشسٽ کي اجازت ڪيئن ڏني اياز لطيف پليجي چيو ته اسان ڪو فتح ڪيل علائقو ناهيون جو سدائين اوهان جا غلام بڻجي جيئون. ڏسي وٺو سنڌين هاڻ دابعداري جون زنجيرون ٽوڙي ڇڏيون آهن سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ بنجر ٿيڻ سان گڏ ڏڪار جو شڪار ٿي ويندي ۽ جر جو پاڻي زهريلو ٿي

بقايا 03

عمار حسين گل محمد سولنگي گابر خان سولنگي استاد مريد سولنگي زوار غلام محمد سولنگي شيراز علي عرفان علي سولنگي مصور سولنگي ۽ حاڪم علي ۽ بين رائيپور پهچي صحافين اڳيان ڏانهينڊي چيو ته اسان سجل ڪالوني پنهنجي مامي جي گهر وياسين پنج منٽ رکي باهر نڪتاسين ، ته گهر باهران بيٺل هنڊا سي ڊي 70 بيٺل موٽر سائيڪل چابي چور چاهينگ ڪاهي فرار ٿي ويا جنهن بعد فوري رائيپور ٿاڻي تي پهچي اين سي داخل ڪرائي ،ايس ايڇ او سليم دايو خاطري ڪرائي ته چوري ٿيل موٽر سائيڪل بازياب ڪرائي توهان کي جلد ڏينداس ، پر اٺ ڏينهن گذري ويا پوليس ڪک پڇين بيٺو نه ڪيو جنهن بعد ايور شائن جو شاگرد والد ۽ نيڪ مرد ساڻ ڪري موٽر سائيڪل بازياب ڪرائڻ لاءِ ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي کي درخواست ڏني جنهن درخواست تي نوٽ هڻي ايس ايڇ او رائيپور کي سخت هدايت ڪئي ته شاگرد جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل جلد بازياب ڪرائي ڪين ڏني وڃي ، جنهن بعد ايس ايڇ او سان ملاقات ٿي درخواست ڏني جنهن وري آسرو ڏنو ، هنن وڌيڪ چيو ته اسان غريب آهيون رب پاڪ کان بعد پوليس جو آسرو آهي اميد ته پوليس شاگردن کي مايوس نه ڪندي ، هنن چيو ته جيڪڏهن ٽن ڏينهن اندر چوري ٿيل موٽر سائيڪل بازياب ٿي نه ملي ته پريس ڪلب رائيپور اڳيان پرامن احتجاج ڪنداسين

بقايا 04

جڏهن انهن عملن کان هن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اظهر مري پنهنجي ڏاڙي تي تشدد ڪيو ۽ ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو. لياقت لغاري جو چوڻ هو ته سندن مسئلو ڳوٺ جي چڱن مڙسن آڏو رکيو ويو پر جوابدار ڌر بار بار سڏائڻ باوجود ڪيس حل ڪرائڻ لاءِ نه آئي. هن ٻڌايو ته ڪي ڏينهن اڳ اظهر مري، سندس والد منظور مري، مظهر مري، شاهنواز مري، وهاب نظاماڻي ۽ رٽائرڊ انسپيڪٽر محمد رضا نظاماڻي گڏجي سندن گهر تي هٿيارن سان حملو ڪيو ۽ سندس نياڻي ۽ معصوم ڌيءَ کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پاڙي وارن جي مداخلت تي جوابدار ته فرار ٿي ويا، پر معصوم بار کي گهڻا ڪئي ويا. واقعي جي اين سي ملدسي ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي پر ڪي ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس ڪوبه عملي قدم نه کنيو آهي لياقت لغاري الزام لڳايو ته رٽائرڊ انسپيڪٽر محمد رضا نظاماڻي، وهاب نظاماڻي، اظهر مري ۽ منظور مري جي اثر رسوخ سبب پوليس کين گرفتار ڪرڻ کان لاچار آهي هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي سندن نياڻي ۽ پوڙهي کي انصاف ڏياريو وڃي ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 05

وٺي ڪنڊيارو ۾ جي يو آءِ جو ورڪرز تربيتي ڪنوينشن فاروق اعظم مسجد ۾ مفتي حماد الله بروهي جي صدارت ۾ ٿي گذريو ڪنوينشن ۾ سنڌ جي مشهور مبلغ ۽ مصنف مولانا محمد قاسم سومرو ۽ جي يو آءِ سنڌ قد ڪميٽي جي سربراهه مفتي محمد ادريس السندي خصوصي شرڪت ڪئي جي يو آءِ ضلع نوشهروفيروز جو جوائنٽ سيڪريٽري مولانا محمد رمضان خاصخيلي، مولانا حسين احمد عباسي، مولانا سليم الله سومرو ۽ حافظ اسدالله ڏيپر ۽ جي يو آءِ جا بيا ڪيترائي ڪارڪن ۽ انصار الاسلام جا رضاڪار ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيا. ڪنوينشن ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاڪستان ۾ ڀارتي حملن جي مذمت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي جي يو آءِ سنڌ قد ڪميٽي جي سربراهه مفتي ڊاڪٽر محمد ادريس السندي چيو ته جي يو آءِ ملڪ جي دشمنن خلاف هر محاذ تي دفاعي ادارن سان گڏ آهي ڀارت پاڪستاني قوم کي فوجي حملن ۽ ڊرون آپريشن کان ڊيڄاري نٿو سگهي ڀارتي ميڊيا جون ڪوڙيون خبرون سڄي دنيا ۾ ڀارت کي شرمسار ڪري رهيون آهن. مفتي محمد ادريس السندي پنهنجي تقرير ۾ وڌيڪ چيو ته پاڪستاني عوام جون نظرون هاڻي پنهنجي فوج تي آهن انشاء الله پاڪستاني عوام ۽ دفاعي ادارا ڀارت مڪار سوڀارا ٿيندا ٻئي پاسي ڀارتي حملن خلاف جي يو آءِ سٽي ڪنڊيارو جي امير مفتي حماد الله بروهي جي اڳواڻي مسجد تقويٰ' کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

بقايا 06

يڪجهتي جي اظهار لاءِ چيئرمين ڪاڻون ڪاميٽي سيڪار جا انجنيئر ڪامران عباس ڪبر جن جي تعاون سان شهر اندر جامع مسجد کان فضل حسين چوڪ تائين شاندار ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ علائقي جي سياسي سماجي. مذهبي ۽ سول سوسائٽي جي ڪارڪنن مولانا نور محمد اويسي حافظ اعجاز احمد ڪاڻون آفيسر سيڪار جا محمد ايوب ڦليس سجل ڪريڊ يونين جي صدر رسول بخش سهتي سٽي پريس ڪلب سيڪار جا سرپرست زاهد گل سولنگي صدر ذوالفقار علي انصاري نائب صدر زبير علي شاهه بخاري، ڪائونسلر غلام عباس نول نوجوان شيعا تنظيم سيڪار جا جي صدر زوار فيض علي لنڊ. اصغريه آرگنائيزيشن جي اڳواڻ امير حسين جعفري، خاصخيلي راجوڻي اتحاد جي صدر سرائي امداد رضا خاصخيلي . راجپر اتحاد جي اڳواڻ احمد خان. پ پ اڳواڻ بلاول خان خاصخيلي سميت بين سوين شهرين شرڪت ڪئي. جنهن ۾ ڀارتي جارحيت جي مذمت ڪندي پاڪ فوج سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا 07

حافظ خير محمد جعفري غفاري استاد محمد ابراهيم شيخ اويس احمد لاشاري سهڻو خان ننڌواڻي گل ملڪ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي. مولوي صدرالدين حسيني نصيراڻي نور اڻي مصطفيٰ مسجد کان عظيم ريلي ڪڍي ڀارتي جارحيت خلاف پاڪ فوج سان يڪجهتي جي اظهار ڪيو صحافين محمد ابراهيم شيخ سهڻو خان ننڌواڻي شهرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن قومي جهنڊو بلند ڪيو احتجاج ڪندڙن چيو ته ڀارت اسان جي شرافت کي ڪمزوري نه سمجهي ته ڀارتي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو سياسي، سفارتي ۽ هر پليٽ فارم تان آواز اٿاريو ويندو پوري قوم پاڪ فوج سان گڏ بيٺي آهي وطن جي هر انچ جو دفاع ڪيو ويندو شهيدن جون قربانيون رائيگان نه وينديون. مظاهرين اهو به چيو ت اگر اسان جي ضرورت پئي ت اسان به ملڪ پاڪستان لاءِ حاضر آهيون "پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج زنده باد" جا نعرا هنيا. ملڪ ۽ قوم جي سلامتي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهري ويون

بقايا 08

ڪمشنر منور عباس سومرو پنهنجي جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن تحت ٽني ضلعي جي سمورن کاتن جي سربراهن سميت انهن جي سرڪاري عملي کي هدايت ڪئي آهي ته اهي هيڊ ڪوارٽر ۾ موجود رهن ۽ پنهنجا موبائل فون 24 ڪلاڪ فعال رکن نوٽيفڪيشن ۾ سمورن کاتن جي سربراهن کي پنهنجي آفيسن ۾ فعال ڪنٽرول روم قائم ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي ڊپٽي ڪمشنر چيو آهي ته عدم تعميل جي صورت ۾ لاڳاپيل ضابطن تحت انهن جي خلاف تاديبي ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 09

چور پنهنجي ساٿين سميت قانون کان ڏاڍو پوليس جوابدار کي گرفتار ڪرڻ کان لوائڻ لڳي لغاري برادري جي 50 کان وڌيڪ ڳوٺاڻن مقتول جي گهر آڏو قاتلن ۽ پوليس خلاف اپ ڏاريندڙ نعرا هڻي ميڊيا آڏو ڏانهنڊي چيو ته هٿيار بندن غوث بخش سهراب محراب ۽ ڪامران جتوئي ۽ هڪ نامعلوم ماڻهوءَ عيد جي ڏينهن شام جو اسان جي نوجوان اعجاز لغاري کي گولين جو بک بڻائيندي بيدردي سان قتل ڪيو جنهن جو ٻاييجي ٿاڻي ايف آءِ آر داخل ڪيي آهي پوليس صرف بن ماڻهن کي فارملٽي طور گرفتار ڪيا آهن باقي مک جوابدار غوث جتوئي ۽ بين کي گرفتار ناهي ڪري سگهي

بقايا 10

بدترين دهشتگردي آهي جي يو آءِ سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو جو اجتماع کي خطاب. سوين مسجدن ۾ ڀارتي جارحيت بزدلاڻو عمل قرار، پاڪ فوج سان ساٿ جو اعلان. خبر موجب جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جي اپيل تي يوم دفاع وطن ملهايو ويو مختلف احتجاجي ميڙاڪن، مظاهرن ۽ جمعي جي خطبن ۾ جو آءِ سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو، صوبائي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري ۽ بين تقريرن ۾ چيو آهي ته پاڪستان ۾ ڀارتي ميزائيل حملا ڀارت جي بدترين دهشتگردي آهي ۽ بزدلاڻو عمل آهي. ان موقعي تي عالمن خطيبن ۽ عوام ڀرپور جذبي جو اظهار ڪندي ملڪ جي حفاظت لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو هنن چيو ته "وطن جو دفاع قومي ذميواري ۽ اهو ايماني حق به آهي هن چيو ته اسان جي بهادر فوج هر محاذ تي دشمن جي اک ۾ اکيون وجهي بيٺل آهي ۽ پوري عوام جو هر وقت سنڌن ساٿ آهي"

بقايا 11

جي صوبائي قائدين پاران ضلع ملير زون ون جو تنظيمي دورو ڪيو ويو جنهن دوران تنظيم جي رڪارڊ جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ مقامي عهديدارن سان گڏ اهم تنظيمي معاملن تي غور ڪيو ويو. دوري ۾ صوبائي نائب صدر شهزاده وقاص، آڊيٽر انور علي ڏاهري، معاون جنرل سيڪريٽري محمد سعيد چانڊيو معاون فنانس طارق مسعود ۽ معاون آڊيٽر عبدالڪريم الڪهاڻي شرڪت ڪئي. مقامي سطح تي زون ون جي صدر خليفه محمد سعيد چانڊيو نائب صدر علي نواز ڏاهري، جنرل سيڪريٽري دلشاد برفت، جوائنٽ سيڪريٽري عبداللطيف سولنگي فنانس سيڪريٽري خالد حسين ٿهيم پريس سيڪريٽري محمد سعيد راڄپر آڊيٽر بشير احمد بروهي آفس سيڪريٽري مير محمد جلباڻي معاون صدر عبدالجبار سودهڙ ۽ معاون جنرل سيڪريٽري عابد علي پڻ شريڪ ٿيا. دوري دوران صوبائي اڳواڻن زون جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي، تنظيم کي وڌيڪ منظم ۽ فعال بڻائڻ لاءِ مفيد تجويزون پيش ڪيون عهديدارن تي زور ڏنو ويو ته هو جماعت جي مشن کي عوام تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکن

بقايا 12

کهراڻ سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ۽ شهرين جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي جو مڙهه سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو. خبر موجب ڏکرانو ويجهو جلال ڳوٺ لنڪ روڊ تي ڪاري ناري پل وٽ موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ سبب صحافي امداد حسين منگي جو نوجوان ڀاٽيو 35 ورهين جو رياض حسين منگي پٽ خادم حسين منگي فوت ٿي ويو سندس بيو دوست صدورو ملڪ زخمي ٿي پيو ڳوٺاڻن پهچي فوتي جو مڙهه ۽ زخمي نوجوان کي اسپتال کڻايو ٻڌايو پيو وڃي ته ڏڪرانو واسي سيلون جو ڪم ڪندڙ نوجوان رياض حسين منگي ۽ صدورو ملڪ پنوعاقل ڪم سانگي ويل هئا

بقايا 13

قبضو آهي سڄي سنڌ ۾ هن وقت شديد پاڻي جو بحران آهي سنڌ سوڪهڙي جو شڪار ٿي وئي آهي جر ڪارا ٿي ويا آهن پيئڻ جي پاڻي جو بحران پيدا ٿي ويو آهي لکين ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي ويو آهي انڊس ڊيلٽا ۾ پاڻي نه هجڻ سبب سمنڊ تيزي سان زمينون ڳهي رهيون آهي لاڙ پٽي جا جر ڪارا ٿي ويا آهن 3 ڪلو ميٽر پيادل پنڌ ڪري عورتون پيئڻ جو پاڻي ڀرڻ وڃن ٿيون نواز خان زئور وڌيڪ چيو ته سنڌو درياهه تي ڇهه ڪئنال ٺاهڻ جي وري سازش ٿي ته لکين سنڌي روڊن رستن تي هوندا درياهه جي جدوجهد ۾ سنڌي قوم پاڻ ملهايو آهي سنڌن سوڀ جدوجهد جي ڪري ٿي آهي قومون جڏهن سجاڳ ٿينديون آهن تڏهن پنهنجا حق حاصل ڪنديون آهن ٻئي طرف قادربخش زئور پنهنجي بيان ۾ ڄاڻايو آهي ته راڄ ميرپور بٺورو ۾ پاڻي کوٽ خلاف ريلي ڪڍي وئي ويندر سجاول ضلعو پاڻي جي بحران جي ور چڙهي ويو آهي

بقايا 14

ويون ڀارتي جارحيت خلاف نفرت جو اظهار جيڪب آباد ۾ ضلعي انتظاميه پاران ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري، ايس ايس پي جيڪب آباد صدام حسين خاصخيلي، اسسٽنٽ ڪمشنر ٿل غلام عباس سڏايو مختيارڪار نياز محمد جڪراڻي ۽ واپاري اڳواڻ مير احمد علي بروهي جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي عملدارن سميت عام شهري وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. ريلي ۾ شريڪ ماڻهون پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج زنده باد جهڙا نعرا هڻندا رهيا. ٻئي پاسي پوري پاڪستان جيان جيڪب آباد ۾ به جماعت اسلامي پاران مرڪزي امير حافظ نعيم الرحمن جي سڏ تي ڀارت جي جارحيت ۽ پاڪستان مٿان بلاجواز حملن خلاف ريلي ڪڍي وئي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي ضلعي آفيس کان ضلعي امير محمد ابوبڪر سومرو امير شهر حاجي ددار حسن لاشاري، محمد حنيف ڪوسو ۽ عبدالصمد ڪنبار جي اڳواڻي ۾ هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي

بقايا 15

موجب ميهڙ شهر جي مخدوم بلاول ڪالوني مين روڊ ميهڙ وٽ مزمل ڪريانا اسٽور کي اوچتو رات جو بيٽري فل چارج ٿيڻ ڪانپوءِ اسٽور کي باهه لڳي وئي جنهن ۾ ڪرياڻ چانور اٽو گيهه ڏاڍيون بوتلون فريجون سميت کاڌي پيتي جون شيون اناج سميت کاڌي پيتي جو مڪمل سامان سڙي رک ٿي ويو ۽ بنگلو به ڊميج ٿي ويو سندس ڪارڊ ڇپا ٿي ويا آهن ٻئي اسٽور جي مالڪ مزمل حسين قلندري صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پنج ڪروڙ جو نقصان ٿيو آهي هن مهل تائين ڪير آفيسر نه پهتو آهي اوچتو باهه لڳڻ سبب تمام وڏو نقصان ٿيو آهي فائربرگيڊ وارا به دير سان پهتا آهن منهنجو تمام وڏو ڪرياڻ ميڊيڪل جو اسٽور هو باهه لڳڻ سبب سمورو سامان سڙي ويو آهي هن اعلي اختيارين کان مدد جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 16

علي سمون محمد نواز سمون مولانا محمد خان انڙ ۽ بين جي اڳواڻي ۾ خانپور مهر جي مرڪزي امام بارگاهه کان پريس ڪلب خانپور مهر تائين پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج پائنده باد جي عنوان سان ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن قومي جهنڊا ۽ بينرڙ کڻي شهر ۾ ريلي ڪڍي ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي اڳواڻن چيو ته ڀارت جون ڌاڙيون بزدلاڻا حرڪتون خطي جي امن لاءِ انتهائي خطرناڪ آهن پر پاڪستاني قوم اهڙن گڏڙپيڪين کان نه ڊڄندي اسان کي پنهنجي بهادر سپاهين ۽ سالارن تي فخر آهي قوم پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺل آهي. ڀارت هڪ غير ذميوار رياست طور خطي جي امن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي پر پاڪستاني قوم هر محاذ تي متحد آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڀارت پنهنجي اندروني خراب حالتن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ اهڙيون چالاڪيون ڪري رهيو آهي، پر پاڪستاني عوام ڪنهن به صورت ۾ پوئتي نه هٽندي، پاڪستان جي عوام پاڪ فوج سان گڏ آهي.

بقايا 17

صحافي الله ڏنو شر المعروف AD شر جي بي رحماڻي انداز سان ٿيل قتل خلاف جي ڊبليو سي جي مرڪزي صدر شوڪت نوناري جي سڏ تي ٺري ميرواهه ۾ تاريخي احتجاجي ريلي ، مرحوم اي ڊي شر جي قاتلن جي فوري گرفتاري جو مطالبو, رپورٽ موجب جي ڊبليو سي صوبه سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ سالار صحافت صدر شوڪت نوناري جي اڳواڻي ۾ شهيد اي ڊي شر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ٺري ميرواهه ۾ تاريخي ريلي ڪڍي وئي ، جنهن ۾ جي ڊبليو سي سڪر جي ميڊم ناهيد اختر، ميڊم شمائلا منگي سان گڏ , ضلعي خيرپور جي اٺن تعلقن جي صدرن جنرل سيڪريٽريز هزارين ڪارڪنن سماج سڌارڪ قلمڪارن سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن استادن شاگردن , تعلقه ٺري ميرواهه بار جي صدر شاڪر شر ڀرپور شرڪت ڪئي جڏهن ته مرڪزي ريلي کي جي ڊبليو سي صدر شوڪت نوناري , ٺري بار جي صدر شاڪر شر , ميڊم ناهيد اختر اسٽيپ فائونڊيشن صوبه سنڌ چيئرپرسن ميڊم شائسته بلوچ شمائلا منگي , بين خطاب ڪندي چيو ته ظالم ڪيترو به طاقتور هجي ان کي رب پاڪ کان سزا ملندي , جڏهن ته اي ڊي شر جي مک قاتلن کي بچائڻ وارا به ڳهلا آهن پر قانون جي گرفت کان بچي نه سگهندو , جڏهن ته سٽي پريس ڪلب رائيپور جي صدر فقير محمد عباسي سيد زوار شاهه , خير محمد چاچڙ نجيب جوڻو , جي ڊبليو سي تعلقه سوڀوديرو جي جنرل سيڪريٽري ميان اعجاز عباسي اوشاق چاچڙ , نديم سولنگي لياقت چاچڙ سلطان راڄپر وقار هنگورو جاني چاچڙ ڪميٽ جي علي حيد راڄپر , سماج سڌارڪ فياض رٽو ضلع خيرپور مولائي عمران شاهاڻي , علي جعفري , خان محمد سولنگي , زويا ملاح , صوفي ياسين راڄپر ڪوٽ ڏيجي جي بادشاهه گوپانگ شهزادو گوپانگ عرفان مختيار گاهو ڪيپٽن رجب ملاح , عبدالرزاق شر , نارو خان پرويز رڌ پڻ ريلي ۾ شرڪت ڪئي ريلي دوران ماڻهن هٿن ۾ شهيد اي ڊي شر سينئر صحافي جي تصويرون بينرز ۽ پلي ڪارڊ کڻي قاتلن سهولتڪارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو , جڏهن ته مرڪزي صدر شوڪت نوناري بين پريس ڪلبن سان گڏ سٽي پريس ڪلب رائيپور انٽرنيشنل پريس ڪلب رائيپور جي صحافين جي بهترين ڪوريج ڏيڻ تي شڪريو ادا ڪيو

بقايا 18

پيرا ميڊڪ اسٽاف ۽ ميونسپل عملي کي الرٽ رهڻ جو حڪم خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد محمد علي جي صدارت هيٺ سندس آفيس ۾ ڀارتي جارحيت بعد ملڪ جي موجوده صورتحال جي پيش نظر هڪ اهم گڏجاڻي ٿي گذري، گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع سومرو رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي عملدارن سميت صحت، ميونسپل، تعليم لوڪل گورنمينٽ، سول ڊفينس، سوشل ويلفيئر ٽرانسپورٽ، انفارميشن کاتي جي عملدارن توڙي صنعتي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته ملڪ جي موجوده صورتحال جي پيش نظر حفاظتي انتظام اختيار ڪرڻ ضروري آهن ته جيئن ڪنهن به امڪاني هنگامي صورتحال کي فوري طور تي منهن ڏئي سگهجي. ان سلسلي ۾ سمورن لاڳاپيل کاتن جي ملازمن جون موڪلون رد ڪيون ويون آهن ان موقعي تي هن ڊي ايڇ او کي هدايت ڪندي چيو ته سمورن ڊاڪٽرن توڙي پيرا ميڊڪ عملي کي الرٽ رکي، ايمبولينسز ۽ ضروري دوائن جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي جيئن ڪنهن به اڻوڻندڙ واقعي جي صورت ۾ مشڪل پيش نه اچي ان موقعي تي هن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪندي چيو ته امڪاني طور تي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي تعلقي سطح تي جامع ڪانٽيجنسي پلان تيار ڪيا وڃن. يوسي سطح تي سائرن واري نظام کي فعال بڻايو وڃي هن صنعتي ادارن جي نمائندن کي پڻ هدايتون ڪندي چيو ته احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ سميت ڊاڪٽرن پيرا ميڊڪ اسٽاف، ايمبولينسز ۽ فائربرگيڊ جا تفصيل فراهم ڪيا وڃن ته جيئن پلان ۾ شامل ڪري سگهجن ان موقعي تي ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع سومرو ڳالهائيندي چيو ته عوام کي خوفزده ٿيڻ جي ضرورت ناهي، امڪاني طور تي هنگامي حالتن لاءِ تياري ڪرڻ جو مقصد احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ آهي عوام سوشل ميڊيا تي پکڙيل افواهن تي ڌيان ڏيڻ بدران خبرن جي تصديق ڪري، بغير تصديق جي شيئر ڪيل من گهڙت خبرون عوام ۾ خوف پکيڙي رهيون آهن اهڙي عمل کان احتياط ڪيو وڃي گڏجاڻي دوران ڀارتي جارحيت دوران شهيد ٿي ويلن لاءِ فاتح خواني پڻ ڪئي وئي.

بقايا 19

ڪشمور ريلين ۽ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا جن کي جماعت اسلامي جي صوبائي ضلعي ۽ مقامي اڳواڻن خطاب ڪيو ڪراچي حيدرآباد، ٽنڊو الهيار ميرپورخاص ، سکر لاڙڪاڻو جيڪب آباد ،سکر ٽنڊو آدم ،ڪنڊڪوٽ ، مٽياري، ٽنڊو محمد خان محراب پور ۾ ريلين ۽ مظاهرن کي جماعت اسلامي سنڌ جي نائب امير حافظ نصرالله چنا، منعم ظفر خان، محمد يوسف، علامه حزب الله جکرو، سيد علي مردان شاهه ابوبڪر سومرو ڀارتي جارحيت جي سخت مذمت ڪندي چيو ته ڀارت پهلگام واقعي جي بنياد بڻائي ڪوڙ جي بنياد تي پاڪستان تي حملو ۽ سولين آبادي توڙي مسجدن کي نشانو بڻائي عالمي قانونن جي سخت ڀڃڪڙي ڪئي آهي ڀارت جو اسرائيلي ساخت ڊرون ذريعي پاڪستان کي نشانو بڻائڻ سان ثابت ٿي ويو آمريڪا اسرائيل ۽ ڀارت پاڪستاني توڙي مسلمانن جي دشمني ۾ هڪ آهن هي ڪوڙو ڊرامو ڪري پاڪستان تي حملا غزا توڙي ڪشمير ۾ ٿيندڙ انسانيت جي قتل عام مان عالمي ضمير جو ڌيان هٽائڻ جي پڻ ڪوشش آهي جنگ ۾ ٻنهي ملڪن جو نقصان ٿيندو آهي پر قوم جي خواهش آهي ڀارتي اڳرائي جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ ضروري آهي اڳواڻن جو چوڻ هو ته پوري قوم پنهنجي وطن جي دفاع لاءِ هڪ پيج تي آهي ۽ دشمن جي مقابلي لاءِ محافظن سان ڪلهي ۾ ڪلهو ملائي ميدان مارينديون. هو ڏانهن جمعي جي ميڙاڪن کي خطاب ۾ پڻ عالم سڳورن ڀارتي جارحيت جي مذمت ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعائون ڪيون

بقايا 20

شڪيل احمد ابڙو اسسٽنٽ ڪمشنر خانپور اياز احمد مشوري ۽ ڊي ايڇ او ڊاڪٽر نادر علي پنهور جي اڳواڻي ۾ هڪ طبي ميڊيڪل ڪيمپ لڳايو وئي شڪارپور جي ڳوٺ ٽيغو ۽ ڀرپاسي جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف هلندڙ آپريشن جي ڪري جيڪي ڀرپاسي جا ڳوٺ جيڪو عوام جيڪو متاثر ٿيو آهي ۽ اتان جون اسپتالون ۽ اتي ميڊيڪل جي ڪا سهولت موجود ڪونه هئي ضلعي انتظاميا ان صورتحال کي مدنظر رکندي صحت کاتي شڪارپور جون ڪيمون ايمبولينس ۽ 1122 موبائل سروسز ۽ ڊي ايڇ او ٽيم ۽ هليت شڪارپور نادر علي پنهور ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل اسٽاف سميت ڳوٺي ٽيغو ۾ هلندڙ آپريشن دوران ڪچي جي آس پاس وارن ڳوٺن ۾ اتان جي عورتن مردن ۽ ٻارن جو مفت علاج ڪيو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو چيو ته ڪچي جي ڀرپاسي جا ڳوٺ جيڪي هن آپريشن سان متاثر ٿين ٿا انهن کي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو يقين ڏهاني ڏياري ته عوام الناس جي جان ۽ مال جو ڀرپور تحفظ ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به ڳوٺائي مرد يا عورت کي ڪنهن به قسم جي بيماري آيا هيو ڪو مسئلو صحت جي حوالي سان آهي انهن کي صحت کاتي طرفان موبائل سروسز جي ڦرو ڪچي جي آس پاس رهندڙ غريب ڳوٺائن کي مختلف ٽيسٽون وغيره ڪري انهن کي ان بيماريءَ جو علاج پڻ ڏنو ويو ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو چيو ته جيڪي اتي اسپتال يا بي ايڇ يو سينٽر تي بيمار ماڻهن کي آندو وڃي ته جيئن غريب ڳوٺائن جو علاج ٿي سگهي هن چيو ته جيڪي ڳوٺاڻا ڪچي جي آس پاس رهن ٿا انهن کي بيمارين جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي تڪليف درپيش نه اچڻ ڪيي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو هن آپريشن جي حوالي سان چيو ته ملڪ دشمن ڌاڙيل جيڪو آپريشن هلي ٿو ۽ پوليس سان ضلعي انتظاميا ۽ تمام ادارا انهن سان گڏ آهن

بقايا 21

سوشل ڊوليپمينٽ آرگنائيزيشن جي تعاون سان "بريڪنگ دي سائلنس انڊرسٽينڊنگ مينٽل هيلٿ" جي عنوان سان هڪ دلچسپ پينل بحث منعقد ڪيو مقررين ۾ ماهر نفسيات شعبي جا ماهر شامل هئا، جهڙوڪ ڊاڪٽر ذوالفقار راهوجو ڊاڪٽر هريش ڪمار ۽ سکر جي اسسٽنٽ ڪمشنر محترمه سبيا فلڪ راڻي جن ذهني صحت جي مسئلن جي بنيادي سببن ۽ ممڪن حل بابت تجربا شيئر ڪيا هوپ فار آل آرگنائيزيشن جي چيئرپرسن محترمه رابعه مرزا ڊاڪٽر قاسم سوڍڙ سان ذهني صحت ۽ شاگردن کي درپيش چئلينجن بابت ڳالهايو سيشن کي نفسيات ۾ ڊگري رکندڙ شاگردن شاگردياڻين کي ذهني طور مرض ۾ مبتلا مريضن جي بهتر مستقبل لاءِ راڻا ڏنا. آخر ۾ پنهنجي اختتامي تقرير ۾ اروڙ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين ذهني صحت تي هن اهم ۽ بصيرت واري سيمينار جي انعقاد جي تعريف ڪئي ۽ يونيورسٽي کي اهڙيون سرگرميون جاري رکڻ جي حوصلا افزائي ڪئي جن جو شاگردن تي مثبت اثر پوي

بقايا 22

جون موڪلون رد ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۽ تعلقه هيڊ ڪوارٽر ۾ ايمرجنسي ڪنٽرول روم قائم ڪنٽرول روم ۾ مقرر لاڳاپيل کاتن جا آفيسر 24 ڪلاڪ ڊيوٽيون ڪندا بنا اجازت ڪو به آفيسر هيڊ ڪوارٽر نه ڇڏيندو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو اقبال حسين جنڊ راڻ فوڪل پرسن مقرر اهڙو فيصلو ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو ڊي سي آفيس خيرپور ميرس جي سجل سرمست هال ۾ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو ڊي سي خيرپور ميرس چيو ته پي ڊي ايم اي، چيف سيڪريٽري ۽ گهرو کاتي طرفان جاري ڪيل هدايتن تي عمل درآمد ڪرڻو آهي سول ڊفينس ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرز سان گڏجي ميونسپل، پوليس، لوڪل گورنمنٽ، 1122، صحت، آبپاشي، تعليم، سيڪو لائيو اسٽاڪ فون، هاءِ وي، پبلڪ هيلٿ، پرووينشل هاءِ وي ڊرنيج ڊويزن بيورو آف سپلاءِ پ پ ايڇ اي لائيو اسٽاڪ آرٽي اي، انفارميشن سميت بيا کاتا ڪم ڪرڻ جا پابند هوندا. ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ميرس طرفان اجلاس ۾ ڊرنيج ڊويزن ۽ بيورو آف سپلاءِ سميت بين کاتن جي آفيسرن جي غير حاضري تي ڪين شوڪاز نوٽس جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو فياض حسين راهوجو چيو ته سمورن کاتن جي هيڊ ڪوارٽرز مان ايمرجنسي واري هدايتون جاري ٿي چڪيون آهي جنهن تي عملدرآمد ڪرڻ لازمي آهي. ڪو به آفيسر ڊي سي آفيس ۾ اطلاع بنا هيڊ ڪوارٽر نه ڇڏيندو ته سندن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 23

منير خواجي شبير سيال آڊيٽر اياز لطيف دايو ۽ پريس ترجمان مير حسن مري هڪ گڏيل بيان ذريعي سنڌي ادبي سنگت شاخ ميرپور ماٿيلو جي ڪائونسلر ۽ سنڌ جي بيحد خوبصورت شاعر پريم پدافي جي جيجل امڙ جي ابدي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي، سنگت جي مرڪزي اڳواڻن چيو ته جيجل ماءُ ٻڍڙ جي گهاٽي وڻ وانگر ٿيندي آهي انهيءَ جي وڇوڙي سان سڄي ڪائنات ڪومائجي ويندي آهي سنگت جي مرڪزي اڳواڻن چيو ته ڏک جي انهن المناڪ لمحن ۾ اسان پنهنجي سنگت جي قافلي جي ساٿي پريم پدافي ۽ سڀني پونئيرن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون

بقايا 24

جي اجلاس ۾ صوبائي وزير محنت ۽ وزير اعليٰ سنڌ کي ملازمن جي اهم مطالبن جي حوالي سان خط روانو ڪري ڇڏيا ويا ملازمن جي صحيح سان گڏ وزير محنت کي ياداشت نامو روانو ڪرڻ جي تياري ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ ايسوسيئيشن ورڪر ويلفيئر بورڊ سنڌ جي صدر محمد اسد صديقي ۽ جنرل سيڪريٽري ڪريم منظور احمد ملازمن سان گڏجي مطالبا تيار ڪري ورتا آهن جن ۾ ملازمن جي ڪنوينس الائونس ۾ اضافي ميڊيڪل الائونس جي فراهمي، ويلفيئر الائونس جي منظوري، يوٽيليٽي الائونس جي منظوري، هائوس ريڪيزيشن ۾ 36 کان 72 مهينن تائين اضافو بنا وياج جي ملازمن جي ٻهرين درجي کان مٿي ترڪ تائين پڙهندڙ ٻارن لاءِ اسڪالرشپ ملازمن جي رهائش لاءِ پلاٽن جي الاٽمينٽ، گريجوئيٽي ڪميوٽيشن کي 2 پيرا ڏيڻ بنيادي پگهار جي بنياد تي ڪيش ايوارڊ ڏيڻ ريٽائرمينٽ جي عمر ۾ 60 کان 64 سال تائين واڌ ڪرڻ حج ڪوٽا 2 کان وڌائي 6 ڪرڻ ان حوالي سان ايسوسيئيشن جي نائب صدر حنا حامد ۽ انفارميشن سيڪريٽري روبينا طارق ٻڌايو ته ملازمن جي حقن لاءِ هر حد تائين ڪوشش ڪئي ويندي ۽ جيئن ورڪر ويلفيئر فنڊ اسلام آباد ۽ ٻين ادارن ۾ سڀ مراعتون ملن ٿيون ساڳي طرح ۽ ان کان بهتر پنهنجي بورڊ جي بي ۽ وزير محنت چيئرمين ورڪر ويلفيئر بورڊ سنڌ کان ملازمن جي حق ۾ پاس ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي هنن صوبائي وزير جي ساراهه ڪندي چيو ته سندس جي دلچسپي سبب گذريل جي بي ۾ ملازمن کي ٽائم اسڪيل ڏنو ويو هنن اميد ظاهر ڪئي ته رهجي ويل ملازمن کي به جلد ٽائم اسڪيل ڏيڻ سميت سندن بيا بنيادي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري ملازمن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي ويندي

بقايا 25

ڪمشنر آفيس خيرپور ميرس ۾ ايمرجنسي ريسپونس ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي جنهن جو فوڪل پرسن ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر اقبال حسين جنڊ راڻ هوندو جنهن جو ٽيليفون نمبر 0243920203 آهي ان ڏس ۾ ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو طرفان آفيس آرڊر جاري ڪيو ويو آهي ايمرجنسي ريسپونس ڪنٽرول روم 24 ڪلاڪ ڪم ڪندو رهندو ۽ ڪنٽرول روم ۾ ڊي سي آفيس خيرپور ميرس جي محمد اسلم راهوجو فيض الله سومرو يار محمد پيو اقبال احمد شر محمد علي ميمڻ، محمد رضا بردي، ذوالفقار علي عباسي ۽ مختيار احمد پٽي کي مقرر ڪيو ويو آهي ڪنٽرول روم ۾ ڊي سي آفيس جو سپرنٽينڊنٽ نگراني ڪندو

بقايا 26

اڳوڻي سيڪريٽري مجيد نواز مغل جي ماسي لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪري ويئي-سندس جنازي ۾ وڏي انگ ۾ معزز شهرين سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ۽ واپارين شرڪت ڪئي-ٻئي طرف سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي آڊيٽر اياز لطيف دايو شاخ سکر جي سيڪريٽري سرتاج حيدر شر سجل پٽي دلبر پٽو سالڪ ڪوسو سردار پيرزادي صحافين عمر سومرو فقير مشتاق مگريو شعيب ملڪ نجم الدين قاضي ضياءالرحمان ۽ بين ڏک جو اظهار ڪيو آهي-

بقايا 27

خاطر جاڳرتا مهم جي سلسلي جي ڪڙي طور سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان هلندڙ پائلٽ هاءِ اسڪول ڳوٺ صديق جت ۾ هڪ سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار ڪوسي چيو ته نشو نسلن ۽ خاندانن کي اڌوهي جيان کائي ختم ڪري ڇڏي ٿو هن چيو ته نشو واپرائيندڙ شخص پنهنجو پاڻ، پنهنجا خاندان توڙي سڄي ڪميونٽي ۽ سماج جي بدنامي ۽ تباهي جو سبب بڻجي ٿو هن چيو ته نشو جسماني، نفسياتي، معاشي ۽ سماجي، اخلاقي طور هاجيڪار نتيجن جو سبب بڻجي ٿو هن چيو ته نشي واپرائڻ سبب ڪينسر سميت بيون ڪيترين ئي جسماني بيماريون ٿين ٿيون جنهن سبب نشي جي عادي فردن سان گڏ سندن خاندان به شديد مشڪلاتن ۽ تڪليفن کي منهن ڏين ٿا ۽ ڀوڳين ٿا هن چيو ته نشي واپرائڻ سبب اسان جي سماج ۾ نفسياتي بيماريون وڌي پيون، ذهني صحت جا مسئلا تيزي سان وڌي پيا جڏهن نفسياتي مسئلا وڌي وڃن ٿا ته ماڻهو زندگي کان مڪمل طور ڪٽجي وڃن ٿا

بقايا 28

اٿارٽي (ڊي ڊي ايم اي) جي اهم گڏجاڻي ٿي گذري. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو بشرا منصور چيو ته امڪاني برساتن کان اڳ سموري تياري مڪمل ڪئي وڃي ۽ سمورا ادارا گڏجي ڪم ڪن ته جيئن عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائي سگهجي. اي ڊي سي بشرا منصور ميونسپل اختيارين کي هدايت ڏيندي چيو ته امڪاني ٻوڏ ۽ برساتي پاڻي جي نيڪال جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊسپوزل اسٽيشن کي مڪمل فنڪشنل بڻائي اسٽينڊ بائي جنريٽرز جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته هنگامي صورتحال ۾ رابطي کي مستحڪم بڻائڻ لا ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر ايمرجنسي ڪنٽرول روم ڊي سي آفيس ۾ قائم ڪيو ويو آهي جنهن جي فوڪل پرسن اي ڊي سي-ٽو کي مقرر ڪيو ويو آهي، ايمرجنسي ڪنٽرول روم 24 ڪلاڪ فنڪشنل رهندو

بقايا 29

اهلڪارن ليڊي ڪانسٽيبلن جا مسئلا ٻڌا ۽ احڪامات جاري ڪيا، ايس ايس پي آفيس ۾ هڪ اردلي روم (او آر) قائم ڪيو ويو آهي ته جيئن پوليس اهلڪارن جي التوا ۾ پيل شوڪاز نوٽيسن ۽ ٻين مسئلن کي حل ڪري سگهجي. اردلي روم دوران سپاهين ۽ ليڊي ڪانسٽيبلن ٽرانسفر پوسٽنگ ۽ ٻين مسئلن بابت درخواستون پڻ ڏنيون جنهن تي ايس ايس پي خيرپور فوري طور تي لاڳاپيل عملي کي هدايتون جاري ڪيون ته ملازمن جي ڀلائي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ جائز مسئلا فوري طور تي حل ڪيا وڃن ڪو به پوليس آفيسر يا اهلڪار جيڪو سٺو ڪم ڪندو ان کي انعام ڏنو ويندو ۽ جيڪي پنهنجي فرضن ۾ غفلت ڪندا انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 30

علامه حضور بخش چانڊيو مدني کان ڳوٺ 121 ۾ پرسان ڪيس هٿيارن جي ڏڍ تي روڪي ڪائنس سي ڊي موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ 10 هزار روپيه ڦر ڪري ويا ٻئي پاسي خانزاده محلا سڪرنڊ مان سڪرنڊ پريس ڪلب جي نائب صدر سينيئر صحافي عدنان احمد خانزاده جي سندس گهر باهران بيٺل سي ڊي موٽر سائيڪل پڻ نامعلوم چور ڪاهي ويا ياد رهي ته ڪي ڏينهن اڳ پڻ محمد رفيق رند کان ٽي ٽي بدلا هٿيار بند موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ ڪي لک روپيه ڦر ڪري ويا هئا ڪنهن واقعن تي شهر ۾ خوف وحراس ڇانيل آهي

بقايا 31

اجلاس جي گڏجاڻي ٿي گذري ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سڪر تمام گهٽ ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ايريا انچارج خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏيندي چيو ته جيڪي ايريا انچارج ڪم نه ٿا ڪن انهن کي فوري طور تي نوڪري تان هٽايو وڃي جڏهن ته گهٽ ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ يوسيز تي فوڪس وڌايو وڃي، اينڊ گڏجاڻي تائين ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ تي پڻ زور ڏنو ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو چيو ته فيڪ رپورٽنگ ۽ اصل ڊيٽا کي اپڊيٽ نه ڪرڻ سبب پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي متاثر ٿي رهي آهي ان ڪري سموري ڊيٽا کي فوري طور تي اپڊيٽ ڪيو وڃي هن چيو ته پنوعاقل ۽ صالح پٽ ۾ زيرو ڊوز ڪوريج جو گهٽ رهي آهي، ڪوريج کي وڌايو وڃي ٻي صورت ۾ لاڳاپيل عملدارن خلاف ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي ڊپٽي ڪمشنر سڪر چيو ته پوليو جي ٽيمن سان ليڊيز پوليس کي گهرن اندر موڪليو وڃي ته جيئن سمورن ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ سگهجن ان موقعي تي ڊاڪٽر فريد لاڙڪ اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته اينڊ پوليو مهم 26 مئي کان پهرين جون 2025 تائين جاري رهندي اينڊ پوليو مهم لاءِ مقرر ڪيل ٽارگيٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ 280 ايريا انچارج سميت 1298 ٽيمون ڊيوٽي سرانجام ڏينديون هن ٻڌايو ته گهٽ ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ 7 يوسيز تي فوڪس آهي بهتر ڪارڪردگي لاءِ پلان جوڙيو آهي اينڊ مهم لا فيميل ٽيم 100 سيڪڙو ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ لاءِ پڻ موجود رهندي

بقايا 32

احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن جي اڳواڻي اسڪول جي ايف اي زبير احمد شيخ گسٽا صدر استاد سيف الرحمان سومرو گسٽا اڳواڻ منير احمد پنهور گسٽا اڳواڻ استاد زبير احمد جوڻيجو استاد عبدالله کهڙو سيد اعجاز علي شاهه ۽ بين ڪئي سندن چوڻ هو ته ٽي اي او پرائمري عبدالقيوم چاچڙ واسڪول جي ٽائيم کان اڳ اچي شاگردن کان اسيمبلي ڪرائي، استادن جو حاضري رجسٽر ڪٽي 30 استادن کي غيرحاضر ڪري ڇڏيو اهڙي ڪارروائي سوشل ميڊيا تي پنهنجي آءِ ڊي تان فيس بوڪ تي رکي استادن جي تذليل ڪئي آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ٽي اي او هائير سيڪنڊري بجاءِ عبدالقيوم چاچڙ ٽي اي او پرائمري غير قانوني اهڙي ڪارروائي ڪري استادن ۾ بيچيني پکيڙي رهيو آهي. جڏهن ته ملڪ هن وقت ڏکين حالتن مان گذري رهيو آهي. هنن الزام هڻندي چيو ته ٽي اي او عبدالقيوم استادن کان پئسا وٺڻ لاءِ اهڙي ڪارروائي ڪري نااهلي جو مظاهرو ڪيو آهي. اسڪول جو ٽائيم 8 بجه هجڻ باوجود ٽائيم کان اڳ اچي اهڙو عمل ڪرڻ بدنيتيءَ ۾ شامل ٿئي ٿو تنهنڪري اهڙي آفيسر جو هجڻ نامناسب آهي، تنهنڪري سيڪريٽري ايجوڪيشن کان مطالبو ڪجي ٿو ته اهڙي ڪرپٽ نااهل آفيسر کي هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ سپاٽي کان اسڪول جي تالابندي ڪئي ويندي

بقايا 33

دم ڏنو پورهيتن جا مڙهه گهر پهچڻ تي وارثن ۾ روڄ راڙو رپورٽ موجب وڳڻ ۾ ڳوڙا ڦيل ٿيڻ نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت پورهيت ارشاد تنيو ۽ لعل محمد چانڊيو علاج دوران اسپتال ۾ دم ڏنو پورهيتن جا مڙهه گهر پهچڻ تي وارثن ۾ روڄ راڙو خبر موجب وڳڻ شهر جي پراڻي بازار جو رهواسي هوٽل هلائيندڙ 5 ٻارن جو پيءُ ارشاد علي تنيو ڳوڙن جي تڪليف وگهي علاج دوران اسپتال ۾ دم ڏنو جڏهن ته سڄي ڏنو پاڙي واسي پورهيت لعل محمد چانڊيو کي پڻ ڳوڙن ۽ ڇاتي جي تڪليف سبب وارثن پاران لاڙڪاڻي جي خانگي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو جتي هو هلندڙ علاج ۾ فوت ٿي ويو اهڙي طرح هڪ ئي وقت ٻن پورهيتن جا مڙهه سندن گهر پهتا ته وارثن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو ۽ شهر اندر ماحول سوڳوار بڻجي ويو هو ڏانهن آخري رسمن بعد ٻنهي پورهيتن جا مڙهه مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيا ويا وارثن موجب پورهيت لعل محمد چانڊيو ڇهن ٻارن جو پيءُ هو جيڪو ڪيترو عرصي کان ڳوڙن ۽ ڇاتي جي تڪليف ۾ مبتلا هو جنهن کي علاج واسطي مقامي اسپتال بعد خانگي اسپتال ريفر ڪيو ويو جتي دم ڏنو جڏهن ته فوتي پورهيت ارشاد تنيو شهر ۾ هوٽل هلائي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندو هو.

بقايا 34

هال مڪلي ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ موجوده صورتحال سميت برسات ۽ بين قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ بابت ضلعي سطح تي رليف ۽ ريسڪيو جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سمورن لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي 24 ڪلاڪ الرٽ رهن ۽ هيڊ ڪوارٽر ۾ پنهنجي موجودگي کي يقيني بڻائين هن چيو ته سڀني آفيسن ۾ ڪنٽرول روم قائم ڪيا وڃن ۽ ڪنهن به امڪاني هنگامي صورتحال دوران آفيسون 24 ڪلاڪ کليل رکن هن چيو ته سموري گهربل مشينري ۽ بيا گهربل انتظام اڳواٽ مڪمل ڪيا وڃن ته جيئن ڪنهن به امڪاني ايمرجنسي ۾ فوري ۽ اثرائتي ڪارروائي کي يقيني بڻائي سگهجي هن چيو ته سمورا آفيسر پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ۽ گڏوگڏ ضلعي انتظاميه سان پڻ ويجهي رابطي ۾ رهن ڊپٽي ڪمشنر صحت کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ضلعي جي سڀني صحت مرڪزن ۾ ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل اسٽاف، ايمبولينس سروس ۽ گهربل دوائن جي موجودگي سميت سمورن انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته سڀئي کاتا پنهنجا هنگامي پلان جلد جمع ڪرائين

بقايا 35

لڳي وئي ۽ ڪروڙ جي ماليت جون رکيل بوٽ چپلون ۽ بيو سامان سڙي رک ٿي ويو ان سلسلي ۾ دڪان مالڪ ارشد ڪورائي ٻڌايو ته گمبٽ ۾ بن خالد پلازه ۾ بوٽن جي هول سيل جو دڪان آهي صبح جو سوير بوٽن جي دڪان کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ سان باهه لڳي جنهن ڪري تقريبن 2 ڪروڙ جي ماليت جو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي دڪان ۾ ڪجهه به ناهي بچيو دڪان مالڪ وفاق حڪومت، سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو آهي اڙالو ڪري پريشان ٿيڻ کان بچايو وڃي دڪان مالڪ جو وڌيڪ چوڻ هو ته هڪ ڪلاڪ کان پوءِ فائربرگيڊ عملي پهچي باهه تي ڪنٽرول ڪيو ۽ باهه سبب نه ڇي بينڪ به رهنوار به بند رهيو ۽ بينڪ جو به لکين روپين جو نقصان پڻ ٿيو آهي

بقايا 36

سبب وفات ڪري ويو جنهن تي ڳوٺ جي سماج سڌارڪ مورڙو ميربحر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته موت برحق آهي جنهن کان بلڪل به انڪار ناهي پر جڏهن رياستي ادارن جي نااهلي ۽ حڪومت سستي سبب ڪا جان ضايع ٿئي ٿي ته ان کي عالمي قانون موجب قتل قرار ڏنو ويو آهي اسين سمجهون ٿا ته هيءُ موت به قتل آهي ڇاڪاڻ جو ان کان اڳ به اسان جي ڳوٺ جا ست 7 ماڻهو ان بيماري سبب فوت ٿي چڪا آهن جنهن جو پڻ ڪو ڏاڏ نه ٿيو نه ئي صحت کاتي پاران هن ڳوٺ لاءِ ڪو پلان جوڙيو ويو مورڙو ميربحر وڌيڪ ٻڌايو ته اسين ان بيماري جو سبب ڳوٺ ۾ ڪيترن ئي سالن کان بيٺل گندي پاڻي جو تلاءُ ۽ سمر واري پاڻيءَ مان جنم وٺندڙ بيماريون جو تسلسل سمجهون ٿا ڪئي ڀيرا انتظاميه توڙي صحت کاتي جو ڌيان ڇڪايو آهي پر ڪوبه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي نتيجي ۾ اڄ اٺين ماءُ جي جهولي خالي ٿي وئي هن اهو به ٻڌايو ته چونڊيل نمائندا جيڪي اليڪشن جي زماني ۾ ڳوٺ ايندا آهن انهن جو پڻ هيءُ گندو پاڻي ڏٺل آهي پر ووٽ وٺي وري لڙيا ئي ناهن اسان لاش ڍوئڻ ۾ پورا آهيون هيسيتائين 8 لاش کڻي چڪا آهيون اڳتي الاءِ ڇا ٿيندو

بقايا 37

ضلع بدين جي امير سيد علي مردان شاهه گيلاني جنرل سيڪريٽري عبدالڪريم بليدي ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته ڀارت پاڪستان جي خلاف اڳرائي ڪري مسلمانن جي جزباتن کي للڪاريو آهي پاڪستان جو عوام ڀارت جي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج سان گڏ آهي ۽ ڀارت جي خلاف فوج سان شانه بشانه گڏجي وڙهندو هنن چيو ته مودي مسلمانن جو سڀ کان وڏو دشمن آهي امت مسلمه سندس مڪارين ۽ چالبازين کي سمجهي ۽ ڀارت جي خلاف ها فوج جو ساٿ ڏين هنن شهيدن جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ چيو ته شهيدن جو درجو بلند آهن ڀارت کان سمورن اڳرائين جو حساب ورتو ويندو هن موقعي تي ڀارتي جارحيت جي خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي

بقايا 38

ڪيون ٿا اڳواڻ رپورٽ موجب ڀارتي جارحيت خلاف سڄي پاڪستان سميت رائيپور ۾ به پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي ڪندي پاڪ ڊفينڊر سول آرگنائيزيشن سٽي رائيپور جي عهديدارن محمد عيسيٰ وساڻ سيد اصغر علي شاهه , ايڊوڪيٽ افتخار علي شاهاڻي وحيد شاهاڻي محمد ايوب شاهاڻي گلبهار شيخ جن ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته ڀارتي جارحيت بعد هاڻ پوري دنيا ۾ مڪروه چهرو اچي ويو آهي پاڪستان سدائين ڀارتي سازشن کي ناڪام بڻائيندو رهيو آهي هاڻ به انشاءَ الله ڀارت ناڪام ٿيندو , هنن وڌيڪ چيو ته پاڪ فوج ڀارتي اڳواڻن ڀارتي فوج جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا آهن ڀارتي جا ڪجهه جهاز پاڪستان ايندا پنهنجي مرضي سان آهن پر ويندا اسان جي مرضي سان آهن ايندڙ خواهه ڪير به هجي صحي سلامت ناهي ويندو , هنن وڌيڪ چيو ته پاڪ ڊفينڊر سول آرگنائيزيشن مرڪزي چيئرمين سڪندر علي ابڙو جي اڳواڻي ۾ تاريخي ڪم ڪن پيا , پاڪ فوج مٿان جان به قربان آهي , رب پاڪ نه ڪري جيڪڏهن پاڪستان مٿان ڪو ڏکيو وقت آيو ته هي جانيون بار بار قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون , تيار رهنداسين مڪ دشمنن کي پڇائينداسون اچو ته پاڪ فوج سان ساٿ ڏيون , جڏهن ته پاڪ ڊفينڊر سول آرگنائيزيشن رائيپور مڪمل ٽيم پاران ڀارتي جارحيت خلاف سخت لفظن ۾ مذمت پڻ ڪئي ,

جماعت اسلامي جي سڏ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا، يوم عزم ريليون

ڪراچي، حيدرآباد، ٽنڊو الهيار، ميرپورخاص، سکر، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد ۽ ٻين شهرن ۾ ريليون ڪڍيون ويون

اسرائيلي ساخت ڊرون سان پاڪستان تي حملن مان واضح ٿي ويو ته آمريڪا اسرائيل ۽ ڀارت جو ڳٺ جوڙ آهي: حافظ نصرالله چنا

اهو ڳٺ جوڙ مسلم دشمني تي ٻڌل آهي، قوم ڪڏهن به اهي حملا برداشت نه ڪندي: طاهر مجيد، منعم ۽ ٻيا

ڪراچي (رپورٽر) ڀارت جي بزدلاڻي حملي خلاف ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمٰن طرفان جمعته المبارڪ تي ملڪ گير اعلانيل يوم عزم جي سلسلي ۾ ڪراچي ڪان /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

ڪراچي: جماعت اسلامي پاران مختلف شهرن ۾ ڀارت جي بزدلاڻي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين نوجوان نسل کي منشيات کان بچائڻ خاطر جاڳرتا مهم

پاٽ هاءِ اسڪول ڳوٺ صديق جت ۾ هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو

نشو نسلن ۽ خاندانن کي اڏوهي جيان ڪائي ختم ڪري ٿو ڇڏي: عبدالغفار ڪوسي

بدين (ڊ ر) سوشل ويلفيئر ڪاتي بدين ۽ پاٽ ڊولپمينٽ نيٽ ورڪ جي گڏيل تعاون سان نوجوان نسل کي منشيات کان بچائڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

سکر ۾ صحافي اديب مجيد نواز مغل جي ماسي لاڏاڻو ڪري وئي، تعزيتي سلسلو جاري

سکر (بيوروروپورٽ) سينيئر صحافي اديب ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سکر ۾ اي ڊي سي ٽو جي صدارت هيٺ امڪاني برسات، ٻوڏ کان بچاءَ لاءِ تيارين جو جائزو

امڪاني برسات کان اڳ سموري تياري مڪمل ڪئي وڃي ۽ سمورا ادارا گڏجي ڪم ڪن: اي ڊي سي ٽو بشريٰ منصور

وڌندڙ گرمي جي پيش نظر گذريل سال جيان ساڳين هنڌن تي هيٽ اسٽروڪ ڪيمپس به لڳايا وڃن

هر حوالي سان تياري مڪمل آهي، اسپتالن اندر الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي: ڊي ايڇ او ياسر گبول پاران آگاهي

سکر (بيوروروپورٽ) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو سکر بشريٰ منصور جي صدارت هيٺ امڪاني برسات، سيلاب ۽ قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ اڳواٽ تيارين جو جائزو وٺڻ جي سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مينيجمينٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

سڪرنڊ ويجهو رهواسي کان موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦُر، چور به سرگرم

استاد علام حضور بخش چانڊيو کان هٿياربند سي ڊي موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ 10 هزار ڦُر ڪيا ويا

صحافي عدنان احمد خانزاده جي سنڌس گهر ٻاهران بيٺل بائيڪ چور ڪاهي فرار

سڪرنڊ (رپورٽر) نامعلوم هٿياربند سڪرنڊ کان چار ڪلو ميٽر پري قومي شاهراه تي جامعته المدينه سڪرنڊ جي استاد /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

خيرپور ۾ ايس ايس پي پاران پوليس آفيسرن، اهلڪارن ليڊي ڪانسٽيبلن جا مسئلا حل ڪرڻ جو حڪم جاري

خيرپور (ڊر) ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي پنهنجي آفيس ۾ پوليس آفيسرن، /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

ڊي سي سکر جي صدارت ۾ ضلعي پوليو جي خاتمي واري ڪاميٽي جي اجلاس

ڊي سي تمام گهٽ ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ايريا انچارج خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏئي ڇڏيو

فيڪ رپورٽنگ ۽ اصل ڊيٽا کي اپڊيٽ نه ڪرڻ سبب پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي متاثر ٿئي پئي: ايم بي راجا ڌاريجو

پوليو جي ٽيمن سان ليڊيز پوليس کي گهرن اندر موڪليو، جيئن سمورن ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيئاري سگهجن

سکر (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو جي صدارت ۾ ضلعي پوليو جي خاتمي واري ڪاميٽي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

سکر: ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ٽنڊو ٻولا خان ۾ ڀارتي جارحيت جي خلاف ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ تعلقي اختيارين پاران ريلي

ٽائون ڪميٽي چيئرمين هريش ڪمار ڏناڻي ۽ اي سي عبدالقادر اقبالاڻي جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي

پاڪستان جي فوج بزدل ڀارت خلاف منهن ٽوڙ جواب ڏئي پئي، سڄي ملڪ جي عوام ساڻس گڏ آهي: عملدار

ڀارت هميشه پاڪستان ۽ پاڪ فوج خلاف پروپيگنڊا ڪري پنهنجي دهشتگرد چهري کي پوري دنيا آڏو وائکو ڪيو آهي

ٽنڊو ٻولا خان (رپورٽر) ٽنڊو ٻولا خان ۾ ڀارتي جارحيت جي خلاف ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ پاڪستان زنده باد جي عنوان سان ٽائون ڪميٽي ٽنڊوٻولاخان جي چيئرمين هريش ڪمار ڏناڻي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر /ڏسو صفحو 3 بقايا 01

ٽنڊو ٻولا خان: ڀارتي جارحيت جي خلاف ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ شهرين ريلي ڪڍي رهيا آهن

عوامي تحريڪ دادو ضلعي جي 30 کان وڌيڪ اڳواڻن پاران ڪيو اي ٽي ۾ شموليت جو اعلان

آئون ڏيڍ ارب ڀارتين کان پڇان ٿو ته اوهان پاڪستان تي حملو ڪرڻ لاءِ اوهان مودي جهڙي فاشسٽ کي اجازت ڪيئن ڏني

اسان ڪو فتح ڪيل علائقو ناهيون جو سدائين اوهان جا غلام بڻجي جيئون، هاڻ تابعداري جون زنجيرون ٽوڙي ڇڏيون آهن

سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ بنجر ٿيڻ سان گڏ ڏڪار جو شڪار ٿي ويندي، ڪينال ٽوڙي ٻيون رٿائون قبول ناهن: اياز لطيف

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) عوامي تحريڪ دادو ضلعي جي اڳواڻن اصغر رند، ارباب جاتوئي 30 ساٿين سميت ۽ ميرپورخاص جي سينئر سياسي اڳواڻ غلام /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

حيدرآباد: ڪيو اي ٽي سربراه اياز پليجو شموليت ڪندڙ کي اجرڪ اوڍائيندي

ڪنڊيارو ۾ جي يو آءِ جو ورڪرز تربيتي ڪنوينشن منعقد

مفتي حمدالله بروهي جي صدارت ۾ ٿيل ڪنوينشن ۾ پاڪستان اندر ڀارتي حملن جي مذمت

جي يو آءِ ملڪ جي دشمن خلاف هر محاذ تي دفاعي ادارن سان گڏ آهي: اڳواڻن جو خطاب

ڪنڊيارو ڪنڊيارو ۾ جي يو آءِ جو ورڪرز تربيتي ڪنوينشن، ڪنوينشن ۾ پاڪستان اندر ڀارتي حملن جي مذمت ڪئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 05

سيتارجا ۾ ڀارتي جارحيت خلاف ۽ پاڪ فوج سان يڪجهتي جي اظهار طور ريلي

ٽائون ڪاميٽي چيئرمين جي سهڪار سان جامع مسجد کان فضل حسين چوڪ تائين شاندار ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ ڀارتي جارحيت جي مذمت ڪندي پاڪ فوج سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو

سيتارجا (رپورٽ: سيد زبير علي شاهه بخاري) سيتارجا ۾ هندستان پاران پاڪستان خلاف جارحيت خلاف ۽ پاڪ فوج سان /ڏسو صفحو 3 بقايا 06

ٺري ميرواهه ۾ اي ڊي شر جي مک قاتلن جي گرفتاري لاءِ جي ڊبليو سي جي سڏ تي احتجاجي ريلي

خلاف جي ڊبليو سي جي مرڪزي صدر شوڪت نوناري جي سڏ تي ريلي ڪڍي وئي، هزارين ماڻهن جي شرڪت

شهيد صحافي اي ڊي شر جي مک قاتلن کي بچائڻ وارا به گهڻا آهن پر قانون جي گرفت کان بچي نه سگهندو: شوڪت نوناري

ظالم ڪيترو به طاقتور هجي ان کي رب پاڪ کان سزا ملندي: ناهيد اختر، شاڪر شر، شائسته بلو، شمائلا منگي ۽ ٻيا

راٺيپور (رپورٽر) سنڌ جي صحافت تي هڪ ڀيوان به مهينا اڳ سينيئر /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

راٺيپور: اي ڊي شر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهدادپور: عورت مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

شهدادپور جي رهواسڻ جو گهرواري سان گڏ ڏيءِ جي مڙس ۽ ٻاڻن جي زيادتين خلاف احتجاج

منهنجي نياڻيءَ سان ظلم ۽ زيادتيءَ جا نوان داستان لکيا پيا وڃن، پوليس جوابدارن آڏو بي وس آهي: لياقت لغاري

نياڻي جو رشتو ڪجهه وقت اڳ ظهير مري سان ٿيو، جيڪو غلط صحبت ۾ اچي نشي جي لعنت ۾ مبتلا ٿي ويو

شهدادپور (رپورٽر) نوجوان عورتن جي مائٽ سان گڏ مڙس ۽ علائقي جي ٻااثر جي زيادتين خلاف احتجاج داتهون تحفظ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 04

ٺڪراڻو ويجهو صحافي امداد حسين منگي جو ڀائيٽو رياض حسين فوت

ڪاري ناري پل وٽ موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب رياض حسين منگي فوت ٿي ويو

آخري رسمن ۾ شهرين سياسي سماجي اڳواڻن شهرين ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت

ٺڪراڻو (رپورٽر) ٺڪراڻو ويجهو روڊ حادثي ۾ صحافي امداد حسين منگي جو نوجوان ڀائيٽو رياض حسين منگي فوت گهر ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

جيڪب آباد ۾ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي طور ڌار ڌار ريليون

جماعت اسلامي پاران مرڪزي امير حافظ نعيم الرحمن جي سڏ تي ريلي ڪڍي وئي

پاڪستان مٿان بلاجواز حملا سندس انتهاپسندانه چهرو ظاهر ڪن ٿا: اڳواڻن جو خطاب

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي طور ڀارتي جارحيت خلاف ڌار ڌار ريليون ڪڍيون /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

راٺيپور: شهرين پاران چوري موٽرسائيڪل واپس نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

راٺيپور ۾ چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿي، متاثرن جو احتجاج، دانهون

گهر ٻاهران بيٺل هنڊا سي ڊي 70 بيٺل موٽر سائيڪل چابي چور چاهينگ ڪاهي فرار ٿي ويا

چوري ٿيل موٽرسائيڪل بازياب ڪرائي توهان کي جلد ڏينداسين، پر ڏينهن گذري ويا

راٺي پور (رپورٽر) راٺيپور ويجهو ڳوٺ ملهيراڻي سولنگي جي رهواسين، ڊاڪٽر مزمل عباس سولنگي /ڏسو صفحو 3 بقايا 03

ميهڙ ۾ ڪريانا جي دڪان کي باهه، ڪروڙين روپين جو نقصان

رات جو بيٽري فل چارج ٿيڻ ڪانپوءِ مزمل ڪريانا اسٽور کي باهه لڳي وئي

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ شهر ۾ ڪريانا جي اسٽور کي باهه وڪوڙي وئي ڪروڙين روپين جو نقصان بٺگلي ۾ ڊار پئجي ويا خبر /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

گهوٽڪي ضلعي ۾ پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ بعد سرڪاري ملازمن جون موڪلون رد، اپاءَ وٺڻ جي هدايت

ڊي سي ڊاڪٽر سيد محمد علي جي صدارت هيٺ ڀارتي جارحيت بعد اهم گڏجاڻي ڪرائي وئي: ڊي سي

حفاظتي انتظام اختيار ڪريو جيئن ڪنهن به امڪاني هنگامي صورتحال کي فوري طور تي منهن ڏئي سگهجي

سمورن ڊاڪٽرن توڙي پيرا ميڊڪ عملي کي الرٽ رکي، ايمبوليئنسز ۽ ضروري دوائن جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي

گهوٽڪي (رپورٽر) ملڪ جي موجوده صورتحال جي پيش نظر ضلعي گهوٽڪي جي ملازمن جون موڪلون رد، حفاظتي اپاءَ اختيار ڪرڻ لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڊاڪٽرن، /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

گهوٽڪي: ڊي سي سيد محمد علي جي صدارت هيٺ اجلاس جي صدارت ڪندي

وڳڻ ۾ گڙدا فيل ٿيڻ نتيجي ۾ 2 پورهيتن دم ڌڻي حوالي ڪري ڇڏيو

موٽل هلائيندڙ 5 ٻارڙن جو پيءُ ارشاد علي ٽنيو گڙدن جي تڪليف وگهي علاج دوران اسپتال ۾ دم ڏنو

پورهيت لعل محمد چانڊيو کي ٻنهي گڙدن ۽ ڇاتي جي تڪليف سبب لاڙڪاڻي جي خانگي اسپتال ۾ دم ڌڻي حوالي ڪيو

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ ۾ گڙدا فيل ٿيڻ نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت پورهيت ارشاد ٽنيو ۽ لعل محمد چانڊيو علاج دوران اسپتال ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

گمبٽ اسٽيشن روڊ تي شارٽ سرڪٽ سبب دڪان کي باهه وڪوڙي وئي

خالد پلازه ۾ بوٽن چپلن جي دڪان کي باهه، سڄي رک ڪري ڇڏيون 2 ڪروڙ روپين جو نقصان

بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو، ازالو ڪري پريشاني کان بچايو: ارشد ڪرائي

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ اسٽيشن روڊ تي بن خالد پلازه ۾ بوٽن چپلن جي دڪان کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ مان اچانڪ باهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

ضلعي انتظاميه خيرپور ميرس طرفان سرڪاري ضلعي آفيسرن جون موڪلون رد

ضلعي ۽ تعلقه هيڊ ڪوارٽرز ۾ ايمرجنسي ڪنٽرول رومز قائم، اي ڊي سي ٽو فوڪل پرسن مقرر

خيرپور (ڊر) ضلعي انتظاميه خيرپور ميرس طرفان ايمرجنسي واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سرڪاري ضلعي آفيسرن /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

پريم پٽاڻي جي جيجل امڙ جي وڇوڙي تي ساس سکر پاران گهري ڏک جو اظهار

جيجل ٻڙ جي گهاٽي ون وانگر ٿڌڙي آهي، سندس وڇوڙي سان سڄي ڪائنات ڪومائجي ويندي: شاعر/اديب

ڏک جي انهن المناڪ لمحن ۾ اسان سائين پريم پٽاڻي ۽ سوڀي پرڏيهين سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون

سکر (بيوروروپورٽ) سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل نور چاڪراڻي، جوائنٽ سيڪريٽرين احساس ميرل، خالده /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

روهڙي ۾ ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ جي گورننگ باڊي جي اجلاس مطالبا منظور ڪرڻ جي گهر

اجلاس ۾ صوبائي وزير محنت ۽ وزيراعليٰ سنڌ کي ملازمن جي اهم مطالبن جي حوالي سان خط روانو ڪيو ويو

صوبائي وزير جي دلچسپي سبب گذريل جي بي ۾ ملازمن کي ٽائم اسڪيل ڏنو ويو: ملازم اڳواڻ

روهڙي (رپورٽر) ڪيترن ئي عرصي کان پنهنجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

گمبٽ ۾ ٽي او 30 استادن کي غيرحاضر ڄاڻائي ڇڏيو، متاثرن جي ريلي، احتجاج

ٽي اي او پرائمري ٽائيم کان اڳ اچي اسيمبلي ڪرائي 30 استادن کي غيرحاضر ڪري ڇڏيو

افسر جي ڪارروائي سوشل ميڊيا تي رکي استادن جي تذليل پڻ ڪئي وئي، اها بدنيتي آهي

گمبٽ (رپورٽر) مراد هاءِ اسڪول گمبٽ جي استادن اسڪول کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب گمبٽ آڏو سخت /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

سڪرنڊ ۾ پورهيت ڪينسر وگهي حياتي جي بازي هارائي ويو

ڳوٺ دليل ڪوٽ ۾ 39 ورهين جو پورهيت محمد هاشم ملاح ڪينسر وگهي لاڏاڻو ڪري ويو

سڪرنڊ (رپورٽر) سنڌ جي تاريخي ڳوٺ دليل ڪوٽ ۾ 39 ورهين جو پورهيت محمد هاشم ملاح ڪينسر جهڙي موذي مرض، /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

بدين ۾ جماعت اسلامي جي سڏ تي پاڪ فوج جي حمايت ۾ يوم عزم ريلي

ضلع بدين جي امير سيد علي مردان شاهه گيلاني جنرل سيڪريٽري عبدالڪريم بليدي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ڀارت پاڪستان جي خلاف اڳرائي ڪري مسلمانن جي جذباتن کي للڪاريو آهي: سيد علي مردان شاهه ۽ ٻيا

پاڪستان جو عوام ڀارت جي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج سان گڏ آهي، قوم ڀارت جي چالبازين کي سمجهي

بدين (ڊ ر) جماعت اسلامي جي طرفان امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمن جي سڏ تي پاڪ فوج جي حمايت ۾ يوم عزم ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جو گشت ڪندي پريس ڪلب پهتي جتي اڳواڻن /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ڪرمپور ۾ پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد ريلي، سوين ماڻهن جي شرڪت

جماعت اهلسنت طرفان مولوي صدرالدين حسيني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ڀارت اسان جي شرافت کي ڪمزوري نه سمجهي جواب ڏيڻ ڄاڻون ٿا: اڳواڻن جو خطاب

ضرورت پئي ته اسان به پاڪستان لاءِ حاضر آهيون": ريلي ۾ پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج زنده باد" جا نعرا

ڪرمپور (رپورٽر) پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد جي عنوان هيٺ جامع مسجد نور مصطفيٰ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ڪرمپور جماعت اهلسنت طرفان مولوي صدرالدين حسيني /ڏسو صفحو 3 بقايا 07

اس پرچم کے سائے تلے ہم ایک ہیں
پاڪستان زنده آباد
پاڪ فوج زنده آباد
پاران: MPA سردار مير محبوب علي خان بجاراڻي، MNA مير شبير علي خان بجاراڻي ۽ ڪرمپور جو باشعور عوام

ڪرمپور: اهلسنت پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي رهيا آهن

پنوعاقل ۾ قتل ٿيل اعجاز لغاري جا قاتل گرفتار نه ٿيا، وارثن جو احتجاجي مظاهرو

غوث بخش، سهراب محراب ۽ ڪامران جتوئي ۽ هڪ نامعلوم ماڻهون عيد جي اعجاز کي قتل ڪيو: مظاهرين

ٻائيجي ٿاڻي ايف آءِ آر داخل ڪئي آهي، پوليس صرف ٻن ماڻهن کي فارملٽي طور گرفتار ڪيا آهن

پنوعاقل (رپورٽ) گذريل عيدالفطر جي ڏينهن قومي شاهراهه تي گولين هڻي نوجوان اعجاز لغاري کي قتل ڪندڙ ٿالي واري /ڏسو صفحو 3 بقايا 09

ٺٽي ضلعي جي سرڪاري ملازمن کي هيڊ ڪوارٽر ۾ موجود رهڻ جي هدايت

ٺٽو (رپورٽر) ملڪ جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڊپٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 08

پاڪستان ۾ ڀارتي ميزائيل حملا ڀارت جي بدترين دهشتگردي آهي: علامه راشد محمود سومرو

اهو ڀارت جو بزدلاڻو عمل آهي، وطن جو دفاع قومي ذميواري ۽ اهو ايماني حق به آهي: جي يو آءِ اڳواڻ

اسان جي بهادر فوج هر محاذ تي دشمن جي اک ۾ اکيون وجهي بيٺل آهي، پوري عوام جو هر وقت ساڻن ساٿ آهي

جي يو آءِ جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جي اپيل تي يوم دفاع وطن جي سلسلي ۾ خطاب

سکر (بيورو رپورٽ) جي يو آءِ پاران يوم دفاع وطن ملهايو ويو، ڀارتي ميزائيل حملا /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

سنڌو درياهه جي پاڻي تي پنجاب جو قبضو آهي: نواز خان زنئور

سنڌ سوڪهڙي جو شڪار ٿي وئي آهي جر ڪارا ٿي ويا آهن: جسقم چيئرمين

درياهه جي جدوجهد ۾ سنڌي قوم پاڻ ملهايو سنڌن سوڀ جدوجهد جي ڪري ٿي

ميرپوربٺورو (رپورٽر) جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زنئور چيو آهي ته سنڌو درياهه جي پاڻي تي پنجاب جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

مليرزون ون جو تنظيمي دورو، تنظيم کي وڌيڪ فعال بڻائڻ لاءِ هدايتون جاري

گڏاپ (رپورٽر) – جماعت اصلاح المسلمين /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

خانپورمهر ۾ شيعا علماءِ ڪائونسل تعلقه خانڳڙهه پاران پاڪ فوج سان يڪجهتي لاءِ ريلي

مرڪزي امام بارگاهه کان پريس ڪلب تائين پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج پائنده باد جي عنوان سان ريلي ڪڍي نعرا هنيا ويا

پاڪستاني قوم اهڙن گدڙ ڀپڪين کان نه ڊڄندي اسان کي پنهنجي بهادر سپاهين ۽ سالارن تي فخر آهي: اڳواڻ

ڀارت جون تازيون بزدلاڻا حرڪتون خطي جي امن لاءِ انتهائي خطرناڪ آهن، قوم پاڪ فوج سان گڏ آهي

خانپورمهر (رپورٽر) خانپورمهر ۾ شيعا علماءِ ڪائونسل تعلقه خانڳڙهه پاران پاڪ فوج سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي، خبر موجب شيعا علماءِ ڪائونسل تعلقه خانڳڙهه جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران معشوق /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

خانپورمهر: شيعا علما ڪائونسل پاران پاڪ فوج سان يڪجهتي طور ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڳڙهي تيغو ۾ رهواسين کي صحت جون سهولتون ڏيڻ لاءِ ميڊيڪل ڪيمپ قائم

ڏاڙيلن خلاف هلندڙ آپريشن جي ڪري جيڪي ڀرپاسي جا ڳوٺ ۽ اتان جو عوام متاثر ٿيو انهن لاءِ ڪيمپ لڳائي وئي

علائقي ۾ ڪا ميڊيڪل جي سهولت نه هجڻ سبب ڪيمپ تي عورتن، مردن ۽ ٻارن جو مفت علاج ڪري کين دوائون ڏنيون ويون

ڪچي جي غريب ڳوٺاڻن کي مختلف ٽيسٽون وغيره ڪري انهن کي ان بيماريءَ جو علاج پڻ ڏنو ويو: ڊي سي، اي سي، ڊي ايڇ او

شڪارپور (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور، اسسٽنٽ ڪمشنر خانپور ۽ ڊي ايڇ او هيلٿ جي اڳواڻي ۾ ڳڙهي تيغو ۾ هڪ طبي ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي، تفصيل موجب اڄ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

شڪارپور: ميڊيڪل ڪيمپ ۾ ڊي سي، اي سي ۽ ٻيا عملدار دورو ڪندي

اروڙ يونيورسٽي ۾ بريڪنگ دي سائلنس انڊرسٽينڊنگ مينٽل هيلٿ عنوان سان بحث

خيرپور (ڊ ر) اروڙ يونيورسٽي سکر هوپ فار آل /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

طرفان ڊپٽي ڪمشنر آفيس خيرپور ميرس ۾ ايمرجنسي ريسپانس ڪنٽرول روم قائم

خيرپور (ڊر) ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي خيرپور ميرس طرفان ڊپٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ڊي سي ٺٽو جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جو اجلاس، الرٽ رهڻ جو حڪم

سڀني آفيسن ۾ ڪنٽرول روم قائم ڪيا وڃن ۽ ڪنهن به امڪاني هنگامي صورتحال دوران آفيسون 24 ڪلاڪ کليل رکن

سمورا آفيسر پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ۽ گڏو گڏ ضلعي انتظاميا سان پڻ ويجهي رابطي ۾ رهن: منور عباس سومرو

سموري گهربل مشينري ۽ ٻيا گهربل انتظام اڳواٽ مڪمل ڪيا وڃن: اجلاس دوران عملدارن کي هدايتون جاري

ٺٽو (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

گهوٽڪي ۾ ٻه نمبر مصالحه مرچ، پتي ۽ ٻيون شيون تيار ٿيڻ لڳيون، انتظاميا اک ٻوٽي

غلامنڊي پرسان مصالحه مرچ، چانهه پتي ڳاڙها مرچ، لوڻ ۽ ٻيون ٻه نمبر شيون تيار ڪري مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيڻ لڳيون

شهر ۾ سرعام به نمبر ايٽم وڪرو ٿي رهيا آهن جن کي روڪڻ وارو ڪير به ناهي: شهري

ملاوٽ وارا ايٽم واپرائڻ سبب ماڻهن ۾ خارش، معدي سميت ٻين بيمارين جنم ورتو آهي، ڪارروائي ڪريو

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي غلامنڊي پرسان ٻه نمبر مصالحه، مرچ، پتي ۽ ٻيون شيون تيار ٿيڻ لڳيون، انتظاميه ڪاروائي ڪرڻ بجاءِ ننڊ ستل جعلي شيون واپرائڻ سبب خارش ۽ معدي /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

سون جي اگهه ۾ 3 هزار 400 رپيا لاٿ رڪارڊ

في تولي سون جي قيمت 3 لک 45 هزار 800 رپيا ٿي وئي

10 گرام سون 2 هزار 915 رپيا سستو، اگهه 2 لک 96 هزار 467 رپين ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عالمي مارڪيٽ ۾ سون سستو ٿيڻ سبب پاڪستان ۾ به اگهه گهٽجي ويو، آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب 3 هزار 400 رپيا لاٿ ڪانپوءِ ملڪ ۾ في تولي سون جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

اوگرا ايل پي جي جو گهريلو سلينڊر سستو ڪري ڇڏيو

ايل پي جي جو گهريلو سلينڊر 37 رپيا 80 پيسا سستو ٿي ويو

ايل پي جي جي 11.8 ڪلو گرام گهريلو سلينڊر جي قيمت 2892 رپيا 91 پيسا مقرر

في ڪلو ايل پي جي 3 رپيا 20 پيسا سستي ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) آئل اينڊ گيس ريگوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ايل پي جي جو گهريلو سلينڊر سستو ڪري ڇڏيو. اوگرا طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ايل پي جي جو گهريلو سلينڊر 37 رپيا 80 پيسا /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

ڪرنسي جا اگهه

ڪرنسي	خريد	وڪرو
آمريڪي ڊالر	280.90	282.40
يورو	322.65	325.40
برطانوي پائونڊ	374.90	378.4
يو اي اي درهم	76.35	77.20
سعودي ريال	74.90	75.45
ڪويتي دينار	905.20	914.70
ڪئنيڊين ڊالر	202.85	205.25
آسٽريلين ڊالر	180.75	183.00
جاپاني ين	2.00	2.06
ملائيشين رنگٽ	62.98	63.58
قطري ريال	76.38	77.08
بحريني دينار	741.30	749.30
ٿائي ڀاٽ	8.25	8.40
چيني يو آن	37.59	37.99
هانگ ڪانگ ڊالر	35.85	36.15
نيوزيلينڊ ڊالر	164.73	166.73
سنگاپور ڊالر	215.6	217.60
سوئيڊش ڪرونا	28.84	29.14
سوئس فرينڪ	314.86	317.66
ڀارتي روپيو	3.19	3.28

سون جا اگهه (في تولو)

ڪراچي	360,342
حيدرآباد	360,342
سکر	360,342
لاهور	360,342